نوري



پيارو دادا ساڌو واسواڻي

سڪيري سوغات

سنڌي ساهت سنگت

شريمتي چانديبائي همٿمل منسکاڻي ڪاليج
الهاسنگر-۳



سنڌين جو سونهارو دادا واسواڻي،
ڀڳتي گيان شيوا جي صورت نماڻي.
هيو پيار ڪروڙا جو پيندار دادا،
نوراني نور جنهن ۾ مٺي جنهن جي ٻاڻي.

(ديال آشا)

With best compliments from:

Tel: 91—2192

KISHIN CUT PIECE STORE

868, Japani Bazar, ULHASNAGAR—421002

319186—310991

TULSIDAS BROTHERS

157, Radha Galli, Swadeshi Mkt.
Kalbadevi Road, BOMBAY—400002

Tel: 314268

K. R. MANGHWANI

127, Radha galli Swadeshi Mkt
Kalbadevi Road, BOMBAY—400002

Tel: 298127

GOPAL KISHIN & CO.

174. Laxmi Galli. Swadeshi Mkt.
Kalbadevi Road, BOMBAY—400002

Tel: 254732—258604—295886

KAVITA TEXTILES

RADHEY KISHIN & CO.

126—A Cavel Street, Rosary Cottage Room No. 4
Behind Swodeshi Mkt, Kalbadevi Road,
BOMBAY—400002

دادا جشن آهي سچو سنت پيارو،
هزارين دلين جو دلارو سهارو،
سيوا سنيهه سمرٿ جي جوتي جڳائي،
گگن گيان جو آهي روشن ستارو.

(ديال آشا)

ماتا چاندي ٻائي هٿمل مسڪاڻي

ڪاليج جا روح روان



پرنسيپال
ڪي ايم ڪنڊناڻي



ڊائريڪٽر
هولچند گوپالداس آڏواڻي



شري گنگارام منسڪاڻي

پرنسيپال ڪنهيالعل ٽلريجا



ساڌو هيرانند جي ورسيءَ جي موقعي تي مکيه مهمان پرنسيپال موتيلعل ايل. ٻناڻي شرڌانجلي ڏئي رهيو آهي.

ڪاليج جي سنڌي وڀاڳ جا پروفيسر

پروفيسر مينا روپچنداڻي

پروفيسر ديال آشا

پروفيسر نيلم ٻالاڻي

پروفيسر جگديش لڇاڻي

سنگت جي ساليانى اُتسو جو مکيه مهمان شري ناري گوسائڻي ڪماري شوڀا چاوڙيا سيڪريٽري ۽ کي اِنعام ڏيئي رهيو آهي.

”گهر جي مسواڙي“ ناٽڪ ۾ رمش راجپال، ڀاوناڻي وچ ۾ دادلاڻي ڪملاش پارٽ ادا ڪري رهيا آهن.

عهديدار

پرنسپال ڪي. ايم ٽلريجا
(پريزيڊنٽ)
ڊاڪٽر ديال آشا (چيئرمين)
پروفيسر مينا روپچنداڻي
(وائيس چيئرمين)
گهنشام منگهواڻي
(جنرل سيڪريٽري)
سريش پاڻيا (" ")
شوبا چاپڙيا (" ")
راجپال رمڻ
(ڊپارٽمينٽ سيڪريٽري)
نريندر راجاڻي (" ")
راجو روهڙا (" ")
ڪڪريجا ڪنعيو
(سيڪريٽري)
ٻودواڻي پرڪاش
(مخزن سيڪريٽري)
ڪڪريجا اندر (پڪنڪ ")
ميرچنداڻي مينا (" ")
جيٺاڻي امر (" ")
ميران گياناڻي (وال پيپر ")

سنڌي ساهت سنگت

ڪاليج جي سنڌي ساهت سنگت سهاري وقت به وقت ساهتڪ، سانسڪرتڪ ڪاريه ڪرم رکيا ويندا آهن جنهن وديارٿي سنڌي ساهتيه سنسڪرتيءَ کان ٻڌو ئي پرچت ٿين. ڪاليج ۾ هر ڪه وديان، نوجوان، ساهتڪارن، ڪلاڪارن کي گهرائي سندن سمان ڪيو ويندو آهي.

هن سال پوجنيه سوامي شانتي پرڪاش مهاراج، پرنسپال موتيلعل ايل ٽاڻي (رٽائرڊ سيشن جج)، راشٽريه ڪوي شري هوندراج دکايل فلم ڊائريڪٽر شري ديپڪ آشا ۽ پرنسپال جهمٽمل ٽلواڻيءَ جو سندن شيوائن سبب سمان ڪيو ويو.

سنڌي ساهت جون ڪڙيون

ميران گياناڻي

شوڀا ڇاٻڙيا



مٽي رگهونشي

ڪانتا ڇاٻڙيا

رميش اُلماڻي پاڻ ورتو، ۽ ٻيو ناٽڪ ”وٺي هلو“ ناٽڪ ڪڪڙيجا اِندر، ڪڪڙيجا ڪنهيو، ڀاٽيا دليپ، ڀاٽيا اَمر، بسنتاڻي گهنشام، پاوناڻي وجئه وغيره پارٽ ادا ڪيو.

انهن ڪانسواءِ سنڌي لوڪ نرتيه ڇيڄ ۾ ڪڪڙيجا ڪنهيو، اِندر ڪڪڙيجا، ڀاٽيا اَمر، پوجاڻي هريش، مولچنداڻي موهن ۽ اَلڳ. اَلڳ گيت ۽ نرتيه پيش ڪيا جنهن ۾ راجپال رمڻ، شوپا ڇابڙيا، اُما رليسر ۽ واسواڻي اَمرت پارٽ موڪيو.

هن سال سنگت طرفان سوشل گيدرنگ رکي وئي جنهن ۾ ودياريٿين وندر جا آئٽم پيش ڪيا ويا.

اَکل ڀارت ساڌو واسواڻي مضمون چٽاڀيٽيءَ ۾ پڻ ڪاليج جي سنڌي ودياريٿين ڪافي پارٽ موڪيو. رگهونشي مٽي ٻارهون آرٽس ٻيون نمبر آئي کيس ساڌو واسواڻي مشن پونا طرفان ميرٽ سرٽيفڪيٽ ۽ روڪ اِنعام عطا ڪيو ويو ڪاليج طرفان به کيس اِنعام ڏنو ويو.

دادا ساڌو واسواڻي ۽ دادا جشن واسواڻيءَ جي جنم ڏينهن جي موقعي تي هڪ سؤ سنڌي ودياريٿين جيون ڀر ويشنو رهڻ جو سنڪلپ ڪيو.

ڪاليج جي ودياريٿين آڪاشواڻي ٻمبئيءَ تان سنڌي سانسڪرتڪ ڪاريه ڪرم پيش ڪيو.

ساڌو واسواڻيءَ جنم شتابديءَ موقعي تي پرم پوجيه سوامي شانتي پرڪاش مهاراج مکيه مهمان هئا.

ساڌو هيرانند جي ورسيءَ جي موقعي تي پرنسپال موتيلعل ايل. بناڻي مکيه مهمان هو.

ڪوي ڪشنچند بيوس جي ورسيءَ جي موقع تي پروفيسر هيرو شيوڪاڻي ۽ ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي مکيه مهمان هئا.

ڊاڪٽر ديال آشا کي انعام مليو سبب سنگت سنمان اُتسو ڪيو. هن اُتسو جو مکيه مهمان شري سيتلداس هرچنداڻي ايم.ايل.اي هو.

شهيد هيمون ڪالاڻيءَ جي شهادت ڏينهن تي راشٽريه ڪوي هوندراج دکايل ۽ شري ٻچارام ليڊواڻي مکيه مهمان هئا. شري گوبند شڪارپوري، شري پرسرام ثماڻي شعر پڙهيا.

سنگت طرفان وارشڪ سانسڪرتڪ اُتسو رکيو ويو. اُتسو جو پرڌان شري ناري گرسهاڻي پرڌان اکل ڀارت سنڌي پنچايت فيڊريشن مکيه مهمان هئا سندن سواگت ڪيو ويو ۽ شري ناري گرسهاڻيءَ ڪاليج جي سنڌي ٻهترين ڪلاڪار وديارٿين لاءِ ١٠٠ رپيه ڏنا. اهو انعام شري رمڻ راجپال ۽ ڪانتا ڇابڙيا کي ڏنو ويو.

هن موقعي تي شري هرو لعل راجپال جو لکيل ناٽڪ "گهر جي مسواڙي" پيش ڪيو ويو جنهن ۾ ڪاليج جي وديارٿين راجپال رمڻ، ڀاوناڻي ۽ جشن، اَمرت واسواڻي ڪيلاش دادلاڻي، ڪانتا ڇابڙيا، چندا چنناڻي، اما رليسر ۽

سنڌي ساهتيه سنگت جا ساٿي



گهنشيام منگواڻي



ڪنهيو ڪڪڙيجا



اندر ڪڪڙيجا

ڪنهيو منگواڻي

پرنسپال ڪي. ايم. ڏــلراڻا هــر وقت سهيوگ ۽
سهڪار ڏنو آهي. سنگت سندن شڪرگذار آهي.

پروفيسر مينا روپچنداڻي	ڊاڪٽر ديال آشا
وائيس چيئرمين	چيئرمين

With best compliments from:

Phone 1792

Sales Office

Shop No. 9. Station Road,

ULHASNAGAR—421003

”وڻي هلو“ سنڌي ايڪانڪي ناٽڪ ۾ ڪڪڙهجا ڪنعيو،
ڪڪڙهجا اِندر ۽ پاڻيا دليپ پاڳه وڻي رهيا آهن.

راجو روهڙا



نرملند ر راجاڻي

سنڌي ساهت سنگت جا ساٿي



امرت واسواڻي



رمڻ راجپال



مهيش ٻهراڻي



پرڪاش بالاڻي

"جيون ڌارا"

(پرنسيپال ڪنئيالال ايم. ٽلريجا)

جوت ساڳي جرڪي ٿي، چانڊوڪي رات ۾،
سونهن ساڳي چمڪي ٿي، ڪنوڻ جي چمڪات ۾،
موج ساڳي مچي ٿي، بلبل جي لات ۾،
آتما ساڳي نچي ٿي، بادل جي برسات ۾.

سڳند ساڳي بوند بوند ۾، ڏس ٿو ن ساوڻ جا وسڪارا،
قدرت جي ڪٽي ڪٽي ۾، وهي ٿي ساڳي جيون ڌارا.

نور ساڳيو ٽپڪي ٿو، چنڊ جي چانڊاڻ ۾،
جلوو ساڳيو جرڪي ٿو، شفق جي ڳاڙهاڻ ۾،
درشيه ساڳيو دلڪش آ، ساوڪ جي ساواڻ ۾،
روپ ساڳي رمڻيڪ آ، شبنم جي آلاڻ ۾،

آنند ساڳيو قطري قطري ۾، ڏس ٿو ن شفاف ڦوهارا،
قدرت جي ڪٽي ڪٽي ۾، وهي ٿي ساڳي جيون ڌارا.

سنگت جا ساٿي



گهنشيام چاٻڙيا



بلرام مولچنداڻي



هريش پوجواڻي



شيام آڏواڻي

دادا ساڌو واسواڻي

پروفيسر ھوتچند گوپالداس اڏواڻي

۱۰۰ سال اڳ سچ پريم ۽ سيوا جي جوت دادا واسواڻيءَ انساني چولو پائي سنڌڙيءَ ۾ جنم ورتو. دادا جن نوڙت ۽ نھٺائيءَ ۾ جي ساکيات مورتي ھئا. ڪيترن موقعن لاءِ جيڪي شرڌالو وٽن آسيس منگڻ ويندا ھئا، تن کي پاڻ دادا جن پيري پئي آسيس گھرندا ھئا. دادا جن وٽ سڀ ڪجھ ھوندي به دادا جن فقيري پالي. سڀ ڪجھ ڄاڻندي به پاڻ کي اڻ ڄاڻ . اگياني سڏائون. ور ور ڪري دادا جن اھي چيو ته منھنجي حياتيءَ جي وڏي ۾ وڏي خواھش آھي ته مان ننڍي ۾ ننڍو ۽ گولن جو غلام ٿيان. ننڍين ننڍين ڪمن ڪرڻ ۾ دادا جن کي ڪيترو نه آنند ايندو ھو! اسان پاڻ دادا جن کي ڪنھن ٻکئي کي روٽي کارائيندو، ڪنھن فقير جو بدن پنھنجي ھٿن سان صاف ڪري کيس نئين پوشاڪ پھرائيندو، ڪنھن ھريجن جي گھر ۾ ٻھاري پائيندو، ڪنھن اپاھج وڌوا جي سھائتا ڪندو، ڪنھن بيمار جي سيوا ڪندو. ٻڪرين کي داڻو کارائيندو ڪين ڏٺو ھوندو. سي ساڌ پرينداسون ته اُن وقت دادا اُن ڪارڻ ۾ ڪيترو

مهڪ ساڳي مهڪي ٿي، وڻن جي وڻڪار ۾،
ڀهڪ ساڳي ڀهڪي ٿي، گلن جي گلزار ۾،
ساڳيو انهادي آواز آ، طوطي جي ٽنوار ۾،
ساڳي مٺڙي لات آ، پوري جي پٽڪار ۾.

چيٽن ساڳيو چون چون ۾، ڏس ٽون جهرڪين جا لالارا،
قدرت جي ڪٽي ڪٽي ۾ وهي ٿي ساڳي جيون ڌارا.

پيار ساڳيو وسي ٿو، معشوق جي جذبات ۾،
پريم ساڳيو رهي ٿو، عاشق جي فقرات ۾،
محبت ساڳي مچي ٿي، برهه جي بات ۾،
روح ساڳيو رهي ٿو، قادر جي ڪائنات ۾.

ڀر ڪرٽي جي اٽي اٽي ۾، ساڳيا نرمل نور نظارا،
قدرت جي ڪٽي ڪٽي ۾، وهي ٿي ساڳي جيون ڌارا.

With best ccmpliments from

Phone 1653

Haresh N. Tailors

See for Best Stitecing

Shop No. 182, Main Bazar.

Opp: Post Office ULHASNAGAR—3

انسان ذات جي رهنمائي ڪري رهيا آهن.

ٻي مهاڀاري جنگ جي خونريزيءَ ۽ ڀارت جي ورهاڱي وقت جيڪي خوفناڪ فساد ٿيا ۽ سنڌين جي سنڌ مان لڏ پلاڻ ٿي. تنهن منهنجو حياتيءَ مان وشواس لوڏي ڇڏيو. دادا جن پنهنجي دعا جو ڀرپور هٿ منهنجي مٿي تي رکي منهنجي منجهيل من ۾ شانتي آندي ۽ نئين اميد پيدا ڪئي.

دادا جن هڪ اوچ ۽ انوکي هستي هئا. هو نئين دنيا جا رشي هئا. جن ڀارت ۽ يورپ جي فلاسافيءَ جو ميلاپ آڻي هڪ پيليل ۽ منجهيل دنيا کي راهه ڏيکاري. ١٦ جنوري ١٩٦٦ تي هنن پنهنجو سفر هن فاني دنيا ۾ پورو ڪري امر پد پاتو. پر سندن روشني اڄ به قائم آهي. سندن آواز جهڪو ٿيو پر سندن سنيهو اڄا به دکي دلين ۾ نئون امنگ ۽ آنند پيدا ڪري رهيو آهي. سندن گل وانگر ٽڙيل مکڙو اسانجي دلين ۾ ۽ سندن سکيا جي سڳنڌ هميشه تازي آهي، جو هنڊائي سو پائي.

ودا اٿو شيوا ۽ دعا. دادا جن جا ڳوڙها نه وسارجو. اُهيءَ سان گڏ ساڻت سادگي ۽ سمرن به ڪريو. شل اسان سيدي تي نوري نماڻي جي آسيس رهي ۽ پاءِ جشن واسوائي پڻ اسان جي رهنمائي ڪندو رهي.

نه لڳن ٿي وڃندا هئا ۽ ڪين ڇا نه اُتي آنند ملندو هو.

ڪنهن اخبار نويس دادا جن کان پڇيو ته توهانجي خيالي ۾ ڪهڙي خواهش يا تمنا آهي؟ دادا جن فرمايو ته هرڪا خواهش هڪ زنجير مثل آهي جيڪا انسان کي هن سنسار ۾ جڪڙي ٿي. مونکي هڪ ئي خواهش آهي ته مان لنيو ٿيان. جڏهن کو دادا جن کي ساڌو ڪري سڏيندو هو ته دادا جن ٽڪم موٽ ۾ چوندا هئا ته پائي مان ساڌو نه پر ساڌن جو سيوڪ آهيان. رشين منين جو داس آهيان. دادا جن پنهنجي پروچن ۾ هميشه پيا ياد ڏياريندا هئا :-

”پريم جا نينڙا سلا پوک ته توکي شاهي نصيب ٿئي. نماڻو ٿيءُ ته رب جي روشني ملئي.“

وديا جي وڪاس لاءِ دادا جن جيڪو سنت ميران اسڪول ۽ ڪاليج پونا ۾ برپا ڪيو تنهنجو به اُديشيه آهي: ”جوت جڳاءِ“ پريم جي جوت، سيوا ۽ ديا جي جوت. ديا جي جوت آهي ايشور جي ڪنجي. جن جي من ۾ ديا آهي تن جي من ۾ نئين شڪتي آهي جيئن گل ۾ ٿيندي آهي سوڀيا، ڪوملتا ۽ سڳند، تيئن انسان ۾ ٿيڻ گهرجي نوڙت، ديا ۽ سيوا.

اُنهن سکيائن جو فيض نه رڳو لکن سنڌين کي مليو آهي. پر دادا جن جا پستڪ اَج به ڀارت ۾ لوڙي ٻاهر

پيارو دادا ساڌو واسواڻي

دادا جشن واسواڻي

پيارو دادا ڪير هو؟ سنت هو، ستپرک هو، گياني هو، برهم گياني هو، لاثاني انسان هو- ڪوين ۾ ڪوي هو ودوانن ۾ ودوان هو، ليکڪن ۾ ليکڪ هو، محبت جي مورت هو، نمرتا جي صورت هو، عشق جو آواز هو، نام جو اوتار هو- ڪيئن اسين ڪوٺيون پيارو دادا- دادا سڀوڏي، جو پهو ڏي ۽ ڏي. لکجي ٿي ڪيئن. پياري دادا جي سکيا ۾ هن ڳالهه تي زور هو: ڏيو! ڏيو! ڏيندا رهو! پريم اوهان کي ڪيترو نه ڏنو آهي! اُن جي ڏني مان اوهين ڏيندا رهو! اوهان لئي برڪت ايندي: اوهان جا ڀنڊار ڀريل رهندا- هڪ موقعي تي پياري دادا چيو: "مونکي فقط هڪ زبان آهي- پر جي مونکي هڪ لک زبانيون هجن ته هڪ هڪ زبان سان جيڪر هڪ ئي اکر اچاريان ڏيو! ڏيو! ڏيو!

پياري دادا جو عجب درشن هو ڀڳتي يوگ، گيان يوگ، راج يوگ: انهن مارگن تان هلي انسان پريم جي پراپتي ڪري ٿو- پر پياري دادا چيو اِڪ ٻيو مارگ آهي، جنهن مارگ تان اسان جهڙا معمولي انسان هلي

سڀ ٻائر آهيون

ڊاڪٽر ديال "آشا"

سڀ هڪ گهر جا ٻالي آهيون،
ته به هڪ ٻي کي پيا ٿا ڌاهيون.

وڙ ۽ روت مان ڪجهه نا وٺيو،
گلو گلي سان اچو لڳايون.

پنهنجي هٿ سان ننهنڪي ڪٽيون ٿا،
هاءِ! جنهن ٿاريءَ تي ويٺا آهيون.

لوڪ ڇا چوندا سياڻا آهن!!
جو پنهنجي اڱڻ کي آڳ لڳايون.

محبت جو ميخانو ڇلڪي!
همدرديءَ جي شمع جلايون.

مورليون، موهن جون مورليون- ڪرشن جو آهي غائب
"The invisible one" ڪرشن اهي روپ ڌاري اسان
وٽ اچي ٿو، اسان جو امتحان وٺڻ واسطي- اسين مندر
۾ وڃي ڪرشن جي پوڄا ڪريون ٿا، پوءِ رستي تي
اچون ٿا، ڪرشن اسان کي ملي ڪنهن غريب، ڪنهن
دکيءَ جي روپ ۾، اسين اُن سان ٺڪو ڳالهايون اُن کي
اسين چئون تون هٽي وڃ. اسان جي پوڄا جا مندر ۾
ڪٿي سبين سا کهڙي ڪم جي؟

ننڍي هوندي کان پيارو اڪ نرالو بالڪ هو،
جنهن عمر ۾ اڪثر ڪري ٻار گهٽين ۾ گهمڻ، رانديون
ڪن، پيارو دادا پنهنجو گهڻو وقت سانت ۾ گذاريندو
هو. سندس مکڙو پيو چمڪندو هو، سندس اکين ۾ عجيبن
جو اسرار! سانت ئي سانت ۾ وڻن چنڊ سان ڳالهيون
ڪندو هو، تارن کي تارون ڏيندو هو، باغن ۾ وڻن
هيٺان ڌيان ۾ وڃو هوندو هو، پکين ۽ پکن سان گفتگو
ڪندو هو- سندس دل جي اندر هو هڪ ئي سوال:
مان ڪير آهيان؟ ڪٿان آيو آهيان؟ منهنجو نج گهر،
اصلوڪو وطن ڪهڙو؟ هت پرٿويءَ تي آءٌ ڪنهن ڪي
ڪي سال ٿيا، اُن کان اڳ ڪٿ هوس؟ هت ڇا واسطي
آيو آهيان؟ اهي ۽ ٻيا سوال سانت ۾ ٻاڙ کان پڇندو
هو. ننڍي هوندي کان وٺي پيارو دادا هو تلاش ۾.

پرميشور کي پائي سگهون ٿا. سيوا مارگ ۽ اِن مارگ جو قانون آهي هي هڪڙو: ”غائب ٿِس ٿون غريبن ۾!“

هڪ موقعي تي پياري دادا پنهنجي جيون جي ڪن آزمودن جو ذڪر ڪيو ۽ ٻڌايائين ته ڪنهن هڪ وقت پيارو دادا پاڻ تلاش ۾ نڪتو. هڪ ئي سوال سندس دل جي اندر: ”ڪٿان هئه؟ ڪٿان هئه؟ ڪرشن ڪنهيا ڪٿان هئه؟“ ائين پياري دادا پئي پڪاريو ورئي ورئي سندس ڳلن تان ڳوڙها پئي ڳڙيا. وڻ هيٺان پيارو دادا ويٺو هو. نماشام جو وقت هو، سج سونهن ۾ پئي لٿو. اُن وقت پياري دادا هڪ آواز ٻڌو. ڪرشن جو آواز، مرليءَ جو، بنسريءَ جو آواز. اِن آواز پڪاريو مان آهيان اُت جت دکين دردن جي سيوا ٿئي ٿي شردا ۾، پيار ۾ ۽ محبت ۾. اهو درشن پياري دادا کي مليو ۽ پياري دادا سيکاريو ته جي توهين ڪرشن کي، پياري پربهوءَ کي پائڻ چاهيو ٿا ته دکين دردون جي سيوا ڪريو. سيوا ڪريو شردا ۽ پيار ۾، محبت ۾. ائين نه ته توهين مٿن مهرباني ڪريو ٿا، پر سمجهو ته هو اوهان تي مهرباني ڪن ٿا، ڇو ته هو توهان کي وجهه ڏين ٿا سيوا ڪرڻ جو ۽ پنهنجو مانک جنم سڦل ڪرڻ جو. انڪري پياري دادا چيو، ”غائب ٿِس ٿون غريبن ۾“ سندن ٿون خاڪ لڳن تي ائڳاءِ، ”ٿي نوڪر نوڙي نينهن دا“ اهي غريب آهن سنگر جون صورتون، اهي دکي دردر. ڏين آهن ڪرشن جون

مهاڳي. پياري دادا جي ڀاڱي ۾ هي اکر وري وري اچن ٿا: ڪڏهن ملنديون مهاڳيءَ ڪي؟ پياري دادا جي ڀاڱي ڪٿي ڪيل آهي اُن پستڪ ۾ جنهن کي ڪوئيون "نوري گرنٿ" دنيا جي ساهتيه ۾ مون ٻيو پستڪ "نوري گرنٿ" جيڏو ۽ "نوري گرنٿ" جهڙو ڪين ڏٺو آهي، جنهن ۾ هڪ سنت ڪويءَ جي ڀاڱي ڪٿي ڪيل هجي.

پيارو دادا چاليهن ورهين جو آهي جڏهن سندس ماءُ گذاري وئي ٿي. اُن ساڳئي ڏينهن پنهنجي نوڪري جي استيعفا ڏار رستي موڪلي ٿو - ۽ هينئر پيارو دادا گهر ڇڏي ڏر گهر ٿئي ٿو - پريوءَ جي پيار ۾ ڏوڙن لڳي نڪري ٿو - جت وڃي اُت پيار جو پيغام پکيڙي ٿو! اَءِ لوڪو! هڪ ٻئي کي پيار ڏيو، پيار وٺو! پيار پيئو، پيار پيئاريو! پيار جي شڪتيءَ ۾، ايڪتا جي طاقت ۾ نئين پنگت ٺاهيو، نئون ڀارت بڻايو.

پياري دادا ڪيڏا نه ڏورا لڳايا! ڀارت جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ويو. ڀارت کان ٻاهر ولايت جي ملڪن ۾ ويو - جت ويو اُت هڪ ئي آواز اُٿاريائين: "نوجوان وٺو! نوجوان وٺو! پيارا! اوهين گهڻو وقت پيا پڪندا، پيا رلندا لوشنائن ۾، وڪارن ۾ ڪنين واسنائن ۾، ڀوڳ ۾، مان شان وڏائيءَ جي وچارن ۾؟ اُٿو جاڳو! نوجوان وٺو! ۽ نوجيون جي ڪنجي، پياري دادا چيو آهي ٻن ڳالهين ۾:- (١) نام سمرن (٢) دکين ڏڙ ٻڌرن، پسمن پکين

عمر ۾ وڏي ٿو. سونهن ۾ ۽ سوڀيا ۾ ڪلي ٿو- هوشياري ۽ دماغ جي طاقت ۾ روشن ٿئي ٿو- B.A. امتحان ۾ انگريزي وشيه ۾ سڄي Bombay University ۾ پهرين نمبر بهي ٿو- Ellis Scholar ٿئي ٿو. M. A, امتحان پاس ڪري ٿو- ۽ ماتا کيس چوي ٿي: "پٽ، هاڻي نوڪري ڪر، مونکي پئسا ڪمائي ڏي!" پيارو دادا چوي ٿو:- "مان نه آهيان نوڪر نام جو. مان نه ڦير ڏينديس! منهنجي دل نه لڳي لاهوتين سان."

ماتا ٻڌي ٿي- سندس هردي کي چوٽ لڳي ٿي، ماتا جون سان جون اميدون اِڪ کن ۾ برباد ٿين ٿيون! ڳالهه ڳالهه ڳوڙها ڳاڙي ٿي- ٻولندون بس نه کن! ۽ پيارو دادا ماتا جي صدقي دنيوي نوڪري ڪرڻ قبولي ٿو- وڏا عهدا پياري دادا کي ملن ٿا. وڏي ڪاليج جو پرنسيپال ٿئي ٿو- شاگرد مٿانئس ٻلهار پيا وڃن- ڪلاس ۾ ليڪچر ڏئي، ڊاڪٽر، وڪيل ۽ بئريسٽر شاگردن سان گڏ اچي ويهن ٿي وهن، پياري دادا کي ٻڌڻ واسطي. چون هن جي مک مان کهڙا موتي پيا ڪرن؟

سنسار جو مان شان، دنيا جي وڏائي پياري دادا کي ملي ٿي- پر پيارو دادا کهڙو نه نماڻو! پاڻ کي سڏائيائين "نوري نماڻي". اوري جا ڏي جام نماڃيءَ جي راڻي- پر ڪيئن وساريائين نه مان آهيان اِڪ غريب

نرمل پيار ۽ مٺڙيون نهارون- ڇولدو هو موٽائو ڪنهن کي به نه!
وڇوڙن اس سنسار ۾ سڀ سين رل مل ڏايه: سا جاءِ
ڪس وس ۾ ناراڻ مل جاءِ!

پر پيارو دادا ويو ڪٿي آهي؟ پيارو دادا نه هميشه زنده آهي- هروقت به پيو اسان ڏانهن نهاري، پيو اسان کي پڪاري: "ٿام ڳايو! نام ڏيايو! ۽ غريبن دکين پکين ماسن جي شيوا ڪريو!" پياري دادا پاڻ کي غريبن دکين پسن پکين جي شيوا ۾ قربان ڪيو! هن وقت مان آس پاس پيو نهاريان، پيو پڪاريان: "اي لوڪو! توهين ڏوڙون پيا پايو ڪٿي؟ اي نوجوانو! اهڙا گهڻو وقت ڀٽڪندا پاڇن پٺيان؟ اسان جي پياري قوم، سنڌي قوم پڳل آهي! ۽ ڀارت پيارو پرندو وڃي پيو! ڀارت جي سچي آزادي ايا پري آهي- توهين نئين قوم ناهڻ چاهيو ٿا، نئين سنڌ اڏڻ چاهيو ٿا؟ نئون ڀارت بنائڻ چاهيو ٿا؟ ته اٿو! جاڳو! پنهنجي جيون، پنهنجي زندگي ڪريو قربان دکين غريبن جي شيوا ۾! شيوا ۾ سڀ واڇا وساريو، هڪ ٿيو، ايڪمشت ٿيو، جدائي ڇڏيو، هڪ ٿيو، مسڪينن جا مددگار ٿيو، غريبن جا خدمتگار ٿيو، شيوڪ ٿيو! قوم جو بنياد، ملڪ جو بنياد آهن اهي غريب، ڪسان، مزور ڳوٺاڻا- تن جي شيوا ۾ پنهنجي زندگي خرچ ڪريو! تن جي خدمت ۾ قربان ٿيو ۽ صدائين جون زنجيرون ٽوڙيو!

جي شيوا- سچي جيون آهي نام سمرن- "جنهن وساريو
نام تنهن پت وڃائي پاڻهنجي." هن وقت لوڪ لڙهي
ويا آهن پوڄا ۾. هن وقت لوڪن کي وهنوار عيش عشرت
جو، وڏائيءَ جو، ۽ پياري دادا چيو، هي سڀ پورو
ٿئي ٿو. اِڪ نئون ٻيو ڪلي ٿو، نام جو ٻيو، جنهن سڀ
۾ نام جي ۽ سنتن جي مهما وڌيڪ ٿيندي- نام
ڳايو، نام ڏيو ۽ نه وساريو ته نام جون مورتون آهن دکي
۽ دين، غريب ۽ مسڪين، ڪريل ۽ ڪنگال !

پياري دادا وري چيو: "The poor are the
pictures of goods" هن ڏينهن ۾ غمگيني آهي، دلين
۾ دک آهي، مايوسي آهي، ماڻهو مشڪلاتن ۾ آهن، تڪليفن
۾ آهن- مهانگائي وڌندي ٿي وڃي- ڪيترن کي کاڌو
ڪونه ٿو ملي، ڪپڙو ڪونه ٿو ملي، اجهو ڪونه ٿو ملي،
ڪيترن کي گهر ڪين آهن، وهنوارا رستن تي سمهن ٿا !
ڪيڏو نه دک، ڪيڏي نه غريبي، ڪيڏي نه مفلسي- تن
ڪري پياري دادا چيو: شيوا ڪريو ! شيوا ڪريو !
جيڪي اوهان کي آهي سو ونڊيو ورهايو !

شيوا جي ساکي پياري دادا پنهنجيءَ جي پران سان
ڏني- ورڌ اوستا ۾ به اچي ويهندو هو وٽن هيٺان ۽ وٽس
ايندا هئا قطارن ۾ غريب، دکي، مسڪين- اِڪ اِڪ کي
ڪجهه نه ڪجهه ڏيندو هو. ڪن کي ڪپڙو، ڪن کي
کاڌو، ڪن کي پيسا. هڪ هڪ کي پنهنجي دل جو

جي جهوپڙن ۾ رهيو. جيڪڏهن ايشور جي کوج ڪرڻي اٿو ته وڃي ڪرڙن جي شيوا ڪري ڪين مٽي چاڙهيو."

جڏهن سرڪاري ڪامورا، سياستدان ۽ نام نهاد سماج سڌارڪ غير قدرتي طريقن ذريع پرئوار نيوجن جو پرچار ڪرڻ لڳا تڏهن هن انقلابي سادو ولدن ۽ اپيشدن ۾ بنا ئل برهمچريه جو سنديش ڏنو ۽ غير قدرتي طريقن جي سخت مخالفت ڪئي.

جڏهن سنڌ ۾ "اوم منڊلي" جي باني ڪارن سيتا ۽ سنسڪرتي جون حدون اورانگهي ايوجه نارين ۽ نينگرين کي غلط رستي تي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي تڏهن ڪرانتيڪاري سنت ٽي. ايل واسواڻيءَ اُن تحريڪ جي برخلاف جبرو آواز اٿاريو. جڏهن ديش ۾ غريب هريجن سان اتياچار ٿيڻ لڳا تڏهن سادو ٽي. ايل واسواڻيءَ سمانتا ۽ ڀائپيءَ جو سنديش ڏنو. هن فرمايو ته "پرماتما جي دربار ۾ نه ڪوئي برهمڻ آهي نه شودر. سڀ انسان هڪجهڙا آهن. سڀني جا حق ساڳيا آهن. وڏائي جنم تي نه پر ڪرم تي مدار رکي ٿي."

جڏهن تهذيب يافته سڏائيندڙ ملڪ آمريڪا ۾ گورا ڪارن سان خراب هلت هلڻ لڳا ۽ دنيا جي جدا جدا ملڪن ۾ مذهب، رنگ، ڀاشا ۽ ذات جي بنياد تي فساد ٿيڻ لڳا تڏهن ڪرانتيڪاري واسواڻيءَ وشو جي ماڻهن کي ولدن جو سنديش ڏنو:

ڪرانتيڪاري سنت

(پرنسپال ڪنهيالال ايم. ٽلريجا)

ڪرانتي جي معنيٰ آهي انقلاب. انقلاب جو اشتقاق آهي قلب، جنهن جي معنيٰ آهي ڦيرو يا تبديل. عام طرح زمانو يا زماني جي گردش ماڻهن ۾ وڏي تبديل يا ڦيرو آڻي ٿي. سورهو اهو آهي جو خود زماني جي گردش ۾ نه بدلجي، زماني کي بدلائي ڇڏي. اهڙو انسان ئي سچو رهبر ۽ ڪامل نيتا چئبو.

دادا ٽي. ايل. واسواڻي هڪ انقلابي سنت هو. سنڌ ۾ جڏهن نينگرين کي پڙهائڻ عيب سمجهيو ويندو هو تڏهن هن نڊر نيتا ۽ ڪامل سنت ڇوڪرين جي تعليم جو عملي پرچار ڪيو. جڏهن انڌ شردالو ماڻهو ۽ ڀالا ڀولا انسان، زنده ديوتائن (انسانن) جي بک، بيماري ۽ بيروزگاري ۾ سيوا نه ڪري، مندرن ۾ گاديسرن ۽ مذهبي رهنمائن جي سيوا ڪن ٿا اُنهيءَ لاءِ ته ڪين ايشور جو درشن نصيب ٿئي، تڏهن اسانجي ڪرانتيڪاري سنت ٽي. ايل. واسواڻي جي مک مان شبد نڪرن ٿا:

"ايشور اُنهن مندرن ۾ نٿو رهي جتي پاڻ پوڄائڻ ۽ ڌرم جي نالي ۾ پئسي ڪٺي ڪرڻ جو ڪم ٿئي ٿو. ايشور غريبن ۽ بيواهن، يتيمن ۽ اپاهجن، مزدورن ۽ مسڪينن

دادا جن جو ڀارت جي جوانن ڏانهن سنديش

ڪماري ميران ٺاڪرداس ڳمانائي
(Sr: B.A.)

هيءَ رام ڪرشن جي جنم ڀومي،
هيءَ شير شيواجيءَ جي ڪرم ڀومي
اسين آهيون اُن جي سنتان،
منهنجو ڀارت ديش مهان.

منهنجو پيارو ڀارت ديش! ها منهنجو پيارو ڀارت ديش! جنهن لاءِ سرچيندي بدن جي روم روم ڪڙڪي ٿي ٿئي. مونکي ناز آهي پنهنجيءَ قسمت تي جو هن پوتر ڀوميءَ تي جنم مليو اٿم. سنتن ۽ مهاتمائن ۽ اوتارن جي جنم ڀوميءَ هئڻ سبب اهو ئي اڄ به ڀارت جي نر ۽ نارين ۾ پسڻ ۾ اچي ٿو.

لڳهين ته ڀارت جو وشواس آهي ته غريبن جي دل جيتڻ جيڪا جڳ جيتڻ کان به اوچ آهي.

دادا جن چوندا هئا ته هي ئي اسانجو ديش مهان ديش ٿئي، ڪنهن اوچ پد تي پهچي. جنهنڪري دادا جن ديش جي جوانن کي پڪارين ٿا ته اي جوانو!

”اي ڌرتيءَ جا سڀ انسانو! توهين سڀ پاڻ ۾ ڀائر آهيو. اوهان سڀني جو پتا پرماتما آهي.“

جڏهن اڄڪلهه جي سياستدانن، نيتائن ۽ تعليمدانن سياست ۽ تعليم کي ڌرم کان الڳ ڪري ڌرم نرپيڪشتا راڄ ۽ غير ڌرمي تعليم جا آلاپ آلاپيا تڏهن هن نئين مهاتما ۽ انقلابي سادو عملي طرح وديا مرڪز کولي ڌرمي تعليم جو بنياد وڌو. ڀارت جو اڳوڻو راشٽرپتي ڊاڪٽر راڌاڪرشن پونا ۾ سادو ٽي. ايل واسواڻيءَ جو ميران اسڪول ۽ ميران ڪاليج ڏسي نهايت گد گد ٿيو ۽ هنجي مک مان اچانڪ شبد نڪتا، ”منهنجي لاءِ هيءَ جڳهه تيرٿ آستان آهي.“ اهي اسڪول ۽ ڪاليج جتي ڌرمي وديا نٿي ڏني وڃي جتي نوجوانن کي ڀارت جي پراچين سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ جو سنديش نٿو ڏنو وڃي، سي صحيح وديا مندر يا وديا مرڪز نه چئبا. چوڻي آهي ”جيڪي ڪني ۾ هوندو سوئي پاٽ ۾ پوندو.“

What is in the pot will come out in the plate

اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ نوجوانن کي جيڪا سکيا ملندي سائي هو اڳتي هلي ديش جي جدا جدا کيترن ۾ ڪم ڪندي استعمال ڪندا. سڄي جاتي، راشٽر ۽ ديش جي ڀوشيه جي قسمت جي تشڪيل ۽ تعميل ذريعي ٿي آڻي سگهجي ٿو. انڪري اسانجي انقلابي سادو ٽي. ايل واسواڻيءَ نئين ڍنگ ۽ رنگ سان پونا ۾ ميران وديا مندر ٺاهي ڪري تعليمي انقلاب آندو.

پورڻ ضروري آهي. ڪين انسانيت جي سيوا جي ضرورت آهي. پارٽ جا جوان انتظام جا ڪوڏيا هڻڻ گهرجن. ڪين پارٽ ۾، سمجهه ۾، تواريخي لحاظ کان ڪارڻ جي حقيقي پروگرام کان، دنيا جي ارادي جي وشواس کان، آتمڪ روح روان کان قسم کڻڻ گهرجي ته:

١. هو قربانيءَ جي آدرش لاءِ سخت محنت ڪندا ۽ نه مراد لاءِ.

٢ هو سادا رهندا.

٣. سڀ سان سهڪار سان هلندا. ذات پات ۽ راجنيتي وچار ڌارا سان متڀيد نه رکندا، اڪيلي سر پارٽ کي مدد ڪندا.

٤. هو ڳوٺاڻي حياتيءَ جو نئون نرماڻ ڪندا.

٥. هو پراچين آدرش اپنائيندا جو انسانيت کي سچي ماڻپڻي جي شڪتيءَ جي عزت ڏئي ٿو، جيڪو آتما جو حياتيءَ ۾ اظهار ڪرائيندو.

جوانن جا وڌيڪ فرض آهن:-

١. غريب شاگردن کي مدد ڪرڻ لاءِ فنڊ ڪٺو ڪرڻ.

٢. رات جا ڪلاس شروع ڪرڻ.

٣. ولجهن ڳوٺن ۾ زندگي جي سکيا جا ڪلاس شروع ڪرڻ.

٤. صحت لاءِ ڪو نوس ڪارڻ ڪرم ناهڻ.

ٻالڪو ! اوهين ديش جي اُميد آهيو، اوهين ديش جو آسرو آهيو. اوهان جو ئي اهو ڪم آهي ته ڀارتيه آدرش جي مشعال کڻي ڀارتيه جنتا جي راهه روشن ڪريو اوهين ئي ديش جو آئينده آهيو. اوهان جي اکين جي مٺي روشنيءَ ۾ سري ڪرشن جو روحاني جوان مسڪرائي رهيو آهي.

هندو فلسفه موجب سڀ ۾ هڪ آتما وسي رهي آهي. اُن نظر ئي (انتر گيان) کي جاڳايو. ”اسين سڀ سڀ هڪ ئي پوتر انسانيت جي سنتان آهيون.“ پوءِ پل ته اسين ڪهڙي به نسل يا رنگ جا ڇونه هجون، اهو انتر گيان هئڻ تمام ضروري آهي. فرقيپرستي ۽ ذات پات راشٽر پنا جي خلاف آهن. تڪرار ۽ دشمنيءَ جي نسل جي ڇوت ڇات کي پڄائڻ لاءِ اُتساهت ٿيڻ گهرجي. ان برائيءَ جو هڪ ئي ڇوٽڪارو آهي ”نئين سکيا“.

هندو، مسلم، سک، عيسائي سڀني شاگردن کي سمجهڻ گهرجي ته هو ڀائر ڀارتواسي آهن، راندين جي ميدانن ۾، سينيٽ جلسن ۾ هڪ ٻئي سان ملي وڃڻ ۾ مزو اچڻ گهرجي. رانديون ۽ پڪنڪون ڪارڻ، ايڪتا جون ڪڙيون آهن، نئين سکيا جا سڀ لاءِ ساڳي آهي، سا اُهڙي قسم جي ايڪتا سيکاري ٿي.

ديش جا جوان آئينده جا اڏيندڙ آهن. مون کي وشواس آهي ته جوانن کي ڀارتي آدرش جي اُتساه سان

فتح ڪري سگهيو، مهاتما گانڌيءَ ٻنا هٿيارن جي ٽيڙن
اَهنسا سان شڪتيشالي انگريز سلطنت کي لوڏائي ڇڏيو،
تنهنڪري اگر اڄ ٻه اوهان جوانن ۾ اٽل اِرادو آهي ته
اوهين غريب ڪونه آهيو، اوهان ۾ آدرشن جي شڪتي
آهي ته اوهين ڪمزور نه آهيو. آدرشن مان ٿي ملڪي
زندگيءَ جا وهڪرا نڪرن ٿا. پنهنجي شڪتيءَ کي
ڪڏهن ٻه هيٺ سمجهڻ نه گهرجي، اوهان کي اڄيه
آشاوادي ٿيڻ گهرجي.

جوانو! اوهان ۾ لکل شڪتيون بند آهن. اوهان
۾ مهان شڪتي سمهيل آهي، اُن شڪتيءَ کي آزاد
ڪريو، سجاڳ ڪريو، اوهان جوالاڪيءَ جي سنتان
آهيو، اُن آگ کي ڀڙڪايو، اڄ ضرورت آهي وڏيڪ
شڪتيءَ جي. اوهين شڪتي ڏيو ۽ ديش اڏيو.

اوهان جوانن جي ديش ڀڳتي پرانتڪ نه هئڻ
گهرجي. اوهان جو من ٻين انسانن لاءِ ڇوت ڇات
۽ تڪار سان ڀريل نه هئڻ گهرجي.

اوهانکي سمجهڻ گهرجي ته هيءَ سائنس، هيءَ سونهن،
سنائي ۽ ڀلائيءَ جا قيمتي آدرش انتر راشٽريه آهن.
اِهي نه هڪ ديش جا آهن نه هڪ پرانت جا، اِهي نه
هڪ جاتيءَ جا ۽ نه هڪ نسل جا، اِهي آهن سمپورڻ
پوتر انسانيت جي سوغات.

٥. غريبن جي مدد لاءِ والنٽيئرن جو جٿو تيار ڪرڻ.
٦. شاگرد سماج ۾ پارليـ سنسڪرتيءَ جي آدرشن لاءِ وشواس پيدا ڪرڻ.

هن وشال ڀارت کي سنڌو سڀني کي شاندار ڪارنامي ۾ ڪير بدلائيندو؟ اوهان ديش جا جوان ئي. اگر اهو ڪارنو نه ڪندا ته ڪير ڪندو؟ ديش جو آئيندو، اڌاوت، ڀهبودي سڀ اوهان تي منحصر ٿي رکي.

دادا جن چون ٿا ته ڪڏهن ڪي جوان مون کي چوندا آهن ته اسين ته غريب آهيون، اڻ ڄاڻ آهيون، ڪمزور آهيون، پوءِ ڀلا اسين ديش لاءِ ڇا ڪري سگهنداسين. اهڙن جوانن لاءِ دادا جن جو چوڻ آهي ته ”اوهين ڀل غريب آهيو، اڻ ڄاڻ آهيو پر ڪمزور به آهيو ائين نه چئو، ڇاڪاڻ ته راشٽر جو هڪ هڪ ڪٽو چئي سگهي ٿو ته سڄ منهنجو آهي. راشٽر جي هر هڪ سٽ چئي سگهي ٿي ته ايشور جي آسيس ڪيل راشٽر منهنجو آهي. هڪ ڇٽنگه چئي سگهي ٿي ته هوا منهنجي آهي.

تواريخ شاهد آهي ته اٽل ارادن وڏو انقلاب آندو، هڪ جاگير سنڀاليندڙ جو پٽ شيواجي، مرهٽا راڄ برپا ڪري سگهيو، تاناجي اٽل ارادي سان سنهه ڳڙهه قلع

وچارن جو واڌارو ڪرڻو. ووڪي ڪوجنائن ۽ جاچ شڪتين ۽ اپياس جي شڪتين جو وڪاس ڪرڻو.

جرمن جنهن وقت ڪريل ملڪ هو. اُن وقت هڪ فچٽ (Fichte) نالي فلاسافر محسوس ڪيو ته پنهنجي ديش کي ورڇي وڌائڻ لاءِ جوانن جي دلين ۽ دماغن کي ڦيرائڻو آهي. هن اُن لاءِ جام ليڪچر ڏنا. هر بار صرف هڪ ئي سنديش ديش جي جوانن کي هو ڏيئي رهيو هو، "اوهين وشواس ڪريو ته اوهين ئي ديش کي وڌائي سگهو ٿا، مهان بڻائي سگهو ٿا." ۽ اَڄ جرمني اوچائيءَ جي ڪهڙي ڏاڪي تي آهي اِهو مون کي لکڻ جي ضرورت نه آهي. پيارا جوانن لاءِ ته، اَوهين نراس نه ٿيو، پنهنجيءَ تقدير تي وشواس رکو. هڪ ڏينهن ضرور ديش منزل تي پهچندو.

سوامي وويڪانند به چيو آهي ته "اُٿو جاڳو، سجاڳ ٿيو، واهي نه رهو جيستائين منزل مقصد تي نه پهچو، وڌڻ اڳتي اڳتي آهي ڪم اسانجو. اچي چرن چمندي ڪڏهن نه ڪاميابي."

اهڙيءَ طرح اٽليءَ ۾ به مزني گريبالڊي پيدا ٿيا. مزنيءَ چيو ته هر ديش کي هڪ سفارت آهي. گريبالڊي جوانن کي چيو ته اٽليءَ جي سيوا ڪرڻ لاءِ اگر اوهان منهنجي پوئواري ڪندا ته مان اوهان کي اُنجي موٽ ۾ بک، ورت ۽ پيڙا ڏيندس ۽ جوانن

شهرن ۾ ليڪچر ڪندڙن جي هڪ سنستا آهي جيڪا ڪم ڪندڙن ۽ ڪڙمين کي سکيا ڏيڻ لاءِ ليڪچرار مقرر ڪندي آهي. بيلجم ۽ سئٽزرلئنڊ ۾ اِڇا سان ڪم ڪندڙن جون سنستائون آهن جيڪي اسپتالن، يتيم خانن ۾ ڪم ڪندڙن جي شيوا ڪندا آهن. ڊينمارڪ جي جنتا هاءِ سڪولن ۾ ملڪي ريتون رسمون سيکاريون وينديون آهن. پر اسانجي ديش ۾ اهڙيون گهٽيون سنستائون آهن؟ اگر اهي هجن ته ديش جو نقشو ڪهڙو ٿئي؟ بس اِهو سوچي ئي دل خوشيءَ ۾ جهومڻ لڳي ٿي.

اڄ جي ڀارتواسين ۾ هڪ پڇمي سکيا پري پيئي آهي. سندن دليون اڄ جي انڌائپ سان ڀريل ن پيون آهن. اڄڪلهه جي ڪارخانن واري مشينن يگ ۾ ڀارت کي ضرورت آهي پراچين سکيا جي (پراڻ سڄاڻڻ جي سکيا) ته هان جوان جڏهن پنهنجون دليون کولي پنهنجي سڀيتا جا يادگار حاصل ڪندا ته ديش جي شيوا جي هڪ نئين شڪتي حاصل ڪري سگهندا. اوهان جون دليون ئي آزاد نه آهن ته وشال ۽ آباد ڀارت جي ڪلپنا ڪرڻ ئي بيسود آهي.

ٻوڙن ۾ اِن سکيا جي پرچار جي ضرورت آهي. ماڻهن جي سنتل دماغ کي جاڳائڻ جي ضرورت آهي. انڌوشواس به هڪ ڪمزوري آهي، ڀارت کي وري اوج بڻائڻ لاءِ اِهو ضروري آهي ته اوهين جوانو پنهنجي

هڪ عيدي ائو پنهنجو سڪول هوندو هو.“ اڄ خبر نه آهي ڪهڙي سڪول ڪڏهن کلندا. کلندا به يا نه، ڀارت ديش جو آئينده اڏڻ لاءِ ڳوٺن جي سڌاري جي تمام گهڻي ۽ تڪڙي ضرورت آهي. ڪيئن پنهنجا سڪول ۽ پنچائتون هجن ته جيئن سڀني سماجڪ ۽ آرٿڪ زندگي نئين ٿئي. توهان جوانن کي اڪدم اُنهن ڏانهن پراچين آدرش ۽ ماڊرن حياتيءَ جو سنديش کڻي وڃڻ گهرجي، چاڪاڻ ته ڳوٺ ٺاهڻ معني ديش ٺاهڻ.

ماڊرن سنڌ جي سادو هيرانند به جوانن کي گڏ ڪري انهن کي وڏن آدرشن سان اُتساهت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هن سنڌ ۾ جوانن تي اثر ڪندڙ لفظن جو استعمال ڪيو. سکيا ۽ شيوا سنديس ٻه مول منتر هئا. هو چوندا هئا ته رچنا ڪم ڪرڻ لاءِ هرهڪ ميمبر ۾ ڪي گڻ هئڻ تمام ضروري آهن.

دادا جن چون ٿا ڀارت جو مسئلو آهي قوم جو روپ بدلائڻ. اوهان جوان ڀارت کي نئين ديش جي روپ ۾ بدلڻ جي ڪم ۾ تمام گهڻي مدد ڪري سگهو ٿا. چاڪاڻ ته اوهين آئينده جي شڪتي ۽ انجام آهيو.

پراچين آدرش موجب ڄاڻ اها پوتر وستو آهي جا ٻين سان ورهائي سگهجي ٿي. اوهان ڪجهه ٻين مان

پوئواري ڪئي. اِتِي اڄ ڪيتري ترقي ڪري چڪو آهي اها ڳالهه ڪنهن کان به لڪل نه آهي.

اوهين ڀارت جا جوان به اگر اُن سڀيتا ۾ وشواس رکندا ۽ سمجهندا ته ماڊرن سائنس کان طاقتور آتمڪ سائنس درشن جي سڀيتا آهي ته پوءِ اوهان ۾ اُتساهه پرجي ويندو ۽ اوهين پڻ ڀارت ورت ۽ پيڙا قبول ڪندي ايشور اڳيان ڀانڊائيندا ته "ڀارت جي سيوا ۾ اسانجي قرباني قبول ڪر."

ڀارت جي پنر جنم ۽ اُٿان جو سپنو جوان ئي محسوس ڪندا ۽ ساڪار ڪندا. اِهو سپنو دنيا جي سڀيتائن جي وچار کان اُتساهت ٿيل آهي.

ڀارت جي آتما صدين تائين دور ملڪن تائين سڀيتا جي مشعل جهلي هئي، سندس آتما نه مئي آهي، نه مشعال ئي اُجهامي آهي. جوان سندس آتما آهن ۽ مشعال جهلي اڳتي وڌندا.

ڀارت ۾ ست لک ڳوٺ آهن. اُنهن مان ڪيترا نه مثل ئي آهن، خطرناڪ بيمارين جو شڪار به آهن.

اڻ ڄاڻ ئي (Ignorance) ڳوٺائي جياپي جا مکيه اُڀار آهن، انگريزن جو راج شروع ٿيڻ کان اڳ سنه ١٨١٥ تائين ڀارت جو هر ڳوٺ مڪمل واڌارو ڪيل هو.

سر ٿامس رُو چيو ته، ڀارت جي هرهڪ ڳوٺ ۾

اچو ته اڏيون ديش کي

ليکڪ :- راجپال رمڻ هرواڻي

(XII Science)

اَڄ جيڪو هيءُ اسانجو ڀارت آزاد آهي، جيڪا آزادي اسان کي هزارن ۽ لکن وڙن جي آهوتي ڏيڻ بعد ملي، جنهن آزادي وٺڻ لاءِ اسانجن پيارن اکين جي ٽڙن مهاپرشن پنهنجن واهن ٿي نهن جو زور لڳايو، جنهن کي پراپت ڪرڻ لاءِ اُنهن ڪيترا ڏک ڏاکڙا سهي اُنهيءَ ترنگي جهنڊي جو ڳاٽ اوچو رکيو، اهو ترنگو جهنڊو اُنهن وڙن جي تياڳ ۽ نسوارٿ ڀاؤ جي ڪهاڻي ٻڌائي رهيو آهي ته ڪيئن اُنهن قومي پروانن پنهنجا سک سهنجه ڇڏي پنهنجا مخملي بسترا تياڳي ڪنڊن جي راهن تي هلڻ قبول ڪيو تڏهن ئي اُنهن وڙن جي خون رنگ آندو آهي.

اُهي ته پنهنجو ڪرم ڪري ويا مگر ٿل اسان ماڻهي رهيا آهيون تڏهن ته افسوس ! اسين وساري ويٺا آهيون ته سرحد تي اسانجي وڙن، اسانجي ڀائرن پنهنجو سر ڏڙيءَ تي ڪٽي هن پياري ڀارت جي رکشا ڪئي، اُ مگر اَڄ گهڻن کان ساورڪر ۽ هيمو ڪالاڻي وسري ويا آهن.

حاصل ڪرڻ ۽ ڪجهه ڏيڻ. اوهانجي جاڻ اڳ عوام تائين پهچندي ته اها نئين طاقت ۾ نئين شڪتيءَ جي روپ ۾ وشال ڀارت ناهڻ ۾ مدد ڪندي.

اهي جوان جن ۾ شموا ڪرڻ جي سچي لگن ۽ مراد آهي. تن کي ڀاڻ سان آتمڪ تياڳ ڪانسواءِ ٻي ڪنهن به ملڪيت ڪٺي اچڻ جي ضرورت نه آهي.

پيارا جوانو اهو ياد رکو ته جنهن ملڪ جي ديشواسين جو ارادو اٽل آهي، وشواس انوٽ آهي، ارادو نيڪ آهي سو ملڪ سچ جي ٻيڙيءَ وانگر سنسار ساگر ۾ لڏندو لمندو ضرور، پر آخر منزل تي ضرور رسندو ۽ مان اوهان جوانن جي آسري تي وشواس سان چئي سگهان ٿو ته اهو ڏينهن دور نه آهي جڏهن اوهان جي ڪيل ڪوششن، پرسپر سهڪار ۽ سهڄڻن سان ڀارت ديش اوچ پد تي رسندو.

فرض هر فرد جو آهي مرڻ سؤ مان جي صدقي
مرڻ سؤمان جي صدقي، وطن جي شان جي صدقي
(ديال آشا)

ڇوندا آهن ٻه ٽه ٻارهان. مگر اڄ اسان ۾ اڪو ڪونهي، ڇاڪاڻ ته اسان جو ڀارت سڪيولر آهي.

اسين نه فقط پنهنجا سور سرڪار سان سلي حقن جي گهر ڪريون مگر پنهنجي گريبان ۾ ڏسون ته اسين پنهنجا فرض پالي رهيا آهيون جو حق ٿا گهرون، چوڻ ايئي ڳالهيون چڱي دل جو درد دل ۾ رکي، سڀني جا سور پي ديش کي اڏيون. ڇو ته دل جا ارمان به ته تڏهن ئي پورا ٿيندا نه جڏهن ديش اسان جو هر ڪنهن نظر کان سکيو ستابو هوندو، ڪين نه؟ ڀارت کي سنڌو، سندر ۽ سلوڻو ڪير بڻائيندا؟ آمريڪا وارا؟ جپان وارا؟ ڪوئي ڌاريو اچي ڪونه ديش کي سهڻو بڻائيندو. جيڪڏهن ديش لاءِ اسانجي دل ۾ پنهنجائپ جي ڀاونا آهي ته اسان کي ئي ديش لاءِ ڪجهه ڪرڻو، ڪجهه ارپڻو آهي.

ڀارت جو نالو اوچو ڪرڻ لاءِ اسان جي رشين منين ۽ سنتن ۽ مهاتمائن پنهنجا سوارٿ تياڳيا، من مان مندائيون ڪڍيون، ديش کي راهه ڏي ونڃي هليا ۽ اڄ به ڪيترا ئي مهاپرش آهن جيڪي پنهنجو ڪارج نسوارٿ ڀاوَ سان ڪري رهيا آهن. انهن کي اسين سهڪاري ساٿ ڏيون. ڀرشٽاچار ورتڻ ڪري اسانجو آدرشوادي ڀارت گمراهه ٿي ويو آهي.

اَڄ هرڪو لوڪ مانيءَ ملڪ ۾ شاباس، لالا لجپتراءِ جهڙن کي وساري ويٺو آهي. اُهي خود آريه راجپوتن جي سنتان ۽ اُنهن وڏن جو ئي خون اَسانجي رڳن ۾ ڊوڙي رهيو آهي. مگر اَڄ شايد اُهو خون ٿڌو ٿي چڪو آهي.

اَڄ اَسانجو ڀارت جيڪو ٻاهران اوچ ۽ مضبوط نظر اَچي رهيو آهي، اُنهيءَ جي اَندر ڪيترا ئي مرض لڳي چڪا آهن جن مان مکيه بيماريون آهن جهڙوڪ: ذاتي ليتي، بيروزگاري، غريبي ۽ سوارٿ ۽ ڀرشٽاچار جن مرض ڀارت ماتا جو رت چوسي ڪمس نستو ۽ ڪوکلو بڻايو آهي ۽ کي قدر بڻائي رهيا آهن. تنهن ڪري اڄ اُنهيءَ ڪري ڀارت ماتا کي ضرورت آهي سماج سڌارڪن سچن ديش سيوڪن جي جيڪي وري اُهو سمراٽ اشوڪ ۽ چندرگپت وارو ڀارت ٺاهي وجهن. وري چئني طرفن کان خوشحالي ڦهلائي وجهن ۽ هر طرف پيار ۽ سک جي هڪار اچي، اُنهيءَ لاءِ اسان سڀني کي هڪ جهنڊي هيٺ اچي ديش کي اُٿارڻو آهي. شاعر چيو آهي:

” درد نه پنهنجو سور سلڻو،
دل جو اُرمان دل ۾ جهلڻو،
ديش سان گڏجي اڳتي اڳتي هلڻو،
غرض کي پنهنجي ٻين لاءِ پلڻو،
غفلت غير ڇڏيون- اچو ته گڏجي ديش کي اڏيون.“

آهي. ٽازو هڪ مثال آهي اُسان جي سوارٿ جو.
”هڪ ٻيءَ امان جي حالت هيٺِ تمام قياس جوڳي
هرڪو چوي ”منهنجو ڇا“ اهڙي اٿو هيءَ سماج ٿوڳي“

اج ساڳي حالت ۾ اسان جي آهي هڪ نه پر ڪيترن مرضن جو شڪار آهي. اج اسان جو ڀارت ڳري ڪندا تي ڇڪو آهي. ايشور ڀلائي ڪري جيڪڏهن هاڻ به اسين اهو ”منهنجو ڇا“ جو چڪر ڪون ڇڏينداسين ته وري غلاميءَ جو دوزخ دهرائيندو، ٽنهن ڪري هاڻ اسان کي سجاڳ رهڻو آهي ۽ ٻين کي به سجاڳ ڪرڻو آهي.

اُٺي غافلو! اُٿو جاڳو اج ديش غلط راهه تي وڃي رهيو آهي. هيءُ وقت آهي ڪجهه ڪرڻ جو. ديش خون ڪون ٿو گهري مگر گهري ٿو شيوا ستا ڪرم ٿو گهري،

اج ڀارت ماتا هٿ ڦهلائي آشا ڀريل اکڙين سان اسان ڏي واجهائي رهي آهي. اج هرڪو وڃو وڃي ڪانمت ڪٽي هلائي اُن ماءُ جا آنسون اُگهي. غلاميءَ جون زنجيرون ته اسان جي مهاپرشن ۽ وڏن ٽوڙيون مگر اُنهن زنجيرن جا ڏنا (نشان) اڃان ڀارت ماتا جي ڪرائن تي آهن اُهي مٽائڻا آهن. جيئن ديش ۾

گهوڙي کي ٽوڙن ۽ رٽڻ ماڻ جيڪا هڪ آهي جنهن کي ڌيوٽائن ٻه ماتا ڪري سڏيو، اُنهيءَ ماءُ جي ڪنڌ تي اڄ ڪاتي وهائي ٿي وڃي.

اُنهيءَ اَڌرم کي بند ڪرڻ لاءِ سرتوڙ ڪوشش ڪري رهيا آهن جهڙوڪ ساڌو واسواڻيءَ مشن، ۽ شو هندو پرِشد وارا ٻه ڪوشش ڪري رهيا آهن، پر هو ٻه ڪيترو ڪري سگهندا جيستائين ڪين جنتا جو سهڪار نه ملندو، جيستائين ڪين جنتا جو سهڪار نه ملندو، جيستائين ڪين اَسين هارڊڪ سهڪار نه ڏيندا سين، مون کي ته ائين ٿو لڳي ته اڄ ڀارت جي اُنهن گگدامن جون آهُون هٽي وڃي هند ڪيو آهي جو اسين ڏينهون ڏينهن پٺتي آهيون.

"عقل، اِقبال، آزادگي ۽ آسودگي عزت،
اُليئي پير پائيندا سڀئي جتي ملڪ لئه محبت."

(ٻيو س)

پر اڄ هرڪو پنهنجو سوارث ستڌ ڪرڻ پنهنجان هٿ پير ٺوڪي پيو آهي. جيڪڏهن ڪاٿي هيٺ مٿي ڳالهه يعني رشوت وغيره ڪنهن هند ڪوئي ڏسي ٿو ته بس اهو ئي چوندو ته "منهنجو ڇا؟" اِنهيءَ "منهنجو ڇا" لفظ ئي ته ديش کي اوڙاه ڏي ڇڪڻ جي ڪوشش ڪئي آهي؛ ڪي قدر ڪامياب ٻه

وڃي. چي:- ”اها رشوت ٿورو ئي آهي اها ته اسان جي ٻارن لاءِ مٺائي آهي.“

”واهه! سڄڻ واهه! توهان جهڙا خوب ديش کي ٺاهيندا ۽ سڌاريندا. وري اسان جا ماڻهو ۽ رام جا پيارا ڏسو جو جلد ڪٽي پنج ڏهه رپيا هٿ تي رکي چوندا. ”يار ڪم جلد ڪرائجانءِ.“

هاڻ جيڪڏهن ڪتي کي هڏيءَ ٿي هٿ وٺي هيرائبو ته اهو ڪيئن ڪٽڪ جي ماني کائيندو؟

”سائين چانهه پاڻي ڏيو.“ بس وڃو ڪيسي ۾ هٿ. يعني هرڪو سمجهي ٿو ته هن دان-پيٽيءَ ۾ ڪجهه دان وجهڻو آهي. اُف! ڪيتري نه ديش جي دردشا ٿي رهي آهي، اڄ ٿي آلائي ڇا ٿيندو ايشور ڄاڻي منهنجي ته سوچيندي ئي دل ڪنبي ٿي وڃي. اچو رشوت جي راڪاس کي ڀڄايون.

رشوتخور ديش دروهين سان ملي ديش کي هڪ اونهيءَ اوڙاهه ۾ ڌڪي رهيا آهن. اهو ٻاپوءَ جي سپنن وارو ڀارت ڪڏهن اڏجندو؟ اهو رام راڄيه ڪڏهن ايندو؟ جڏهن جي ڪلپنا اسان جي پياري ٻاپوءَ ڪئي هئي انهن لاءِ راهه رباني ورتي ۽ ديش ته هاڻي اسان

ڪو به ديشواسي حقن کان محروم نه رهجي ويندي؛ هرڪنهن کي جڏهن پنهنجو حق پراپت ٿيندو تڏهن ئي هرهڪ نگرواسي ديش سان وفاداريءَ جا ٻڪ ڀريندو. تنهن ڪري هرڪنهن کي آزاديءَ جو پورو سک ملندو ۽ ديش اڳتي وڌندو.

چوطرف ڪوڙ ڪپٽ ۽ انياءَ جو بازار گرم آهي؛ هر طرف کان بس اوگڻن جي بدبوءِ ٿي اچي جيڪي سچار ساڌو مهاتما آهن انهن کي جڻ هن چور بزاريءَ لٽي ڇڏيو آهي جڻ اهي چور بزاريءَ ۽ مڪاريءَ جي ڌوڙ ۾ ڏٺلا پئجي ويا آهن. سچائيءَ ۽ سنائيءَ جي سگنڌ ڪن ٿورن کي ٿي نصيب ٿئي؛ چوطرف انهن برائن ڪري ۽ انهن عيبن سبب ديش جي حالت تمام نازڪ بڻي آهي.

واپاري هرڪنهن شيءِ ۾ ملاوٽ ڪري جنتا کي لٽي رهيا آهن جنهن ڪري ماڻهو ٻه اَج ڪمزور ٿيندا ٿا وڃن. هرڪنهن شيءِ ۾ ملاوٽ کاڌي جون شيون؛ پائڻ جون شيون وغيره.

مطلب ته پنهنجو سوارٿ سڌ ڪرڻو آهي. ڀلي ديش جي ٻيڙي ٻڏي ته ٻڏي. رشوت ته جڻ آفيس جو دستور بڻي آهي. رشوت کانسواءِ آفيس ڪنواري آهي، جنهن آفيس ۾ وڃو بس رشوت کي فيشن ٿو سمجهيو

هر طرف بس اُماس جي ڪاري انڌاري رات ٿي نظر اچي. جنهن جي پرڀات تـڏهن ٿيندي جڏهن هن ديش مان اِهي اوڻايون دور ٿينديون تـڏهن ديش ۾ پورنماسيءَ جو چنڊ اُڀرندو جڏهن ديش مان دک درد ۽ ڪرسمون دور ٿينديون ۽ اُهي اَسانکي دور ڪري ٿيون روشنيءَ جي مشعال جلائڻي آهي جيئَن ڪڏهن نہ وسامي ۽ ٿيون ايندڙ ٽهي اُنهيءَ روشنيءَ جي آڌار تي اَسان جي نقش قدمن تي هلي ۽ گمراه نہ ٿئي. اَسان جي وري راجنيتي ڏسو:

"ڪرسين جي ممتا ۾ ڦاٽا قوم جا شيواداري،
ديش کي شاد بڻائڻ کان وڌ جن کي ڪرسي ٿي پياري
هڪ ٻئي کي ڪيرائڻ جي بس جن کي آ فڪرات
دل ٿي روئي رت جا ڳوڙها ڏسي اَڄ جي حالات."

راجنيتي ڏسي ۽ ديش جو آئينده سوچيندي جڻ دل ۾ ڏار ٿا پون، دل زارون زار ٿي روئي جڏهن ديش جي رت جي سارٿين مان ڪن جا ڪرتوت ٿا ڏسون، جن جي هٿ ۾ هن ديش روپي رٿ جو لغام آهي اُنهن مان ڪي ڪرسين ۽ پدوين جي موه ۾ ۽ پنهنجن سوارٿن سڌ ڪرڻ ۾ ايترو تہ غلطان آهن جو ڪين اِها سمڪ ڪانہ ٿي پوي تہ رٿ اُتر ڏانهن وڃي رهيو آهي يا اولهہ ڏانهن يا ڪنهن اوڙاهہ ۾ وڃي رهيو آهي.

جي حوالي ڪري ويا آهن.

اسانجن وڏن ۽ مهاپرشن ته ديش جي لڏندڙ لمندڙ ڪشتي طوفانن کان بچائي ڪناري سان لڳائي ڇڏي مگر ڪيترن هنڌن تي ان ۾ سوراخ آهن تنهن ڪري انهيءَ ڪشتيءَ کي سنڀالي هلائڻو آهي، جيئن اها ٻڏي نه وڃي، انهيءَ ڪشتيءَ جا مانجهي اسين آهيون نه ڪي ڌاريا آهن ڇاڪاڻ ته اسين ئي هيءَ ڪشتي پار پهچائينداسين.

" وڪامي ٿو پئسي لئي ايمان هنڌڙي،
گناهن ۾ رهيل رات ڪاري ڏٺيسين،

عياريءَ جو هت آهي ٻول بالا،
حقيقت نه ڪنهن کي پياري ڏٺيسين."

ديش ٺهڻ بدران اڄ ڊهي رهيو آهي ڇاڪاڻ ته اڄ انسان جو دين ڌرم، مان ۽ ايمان به پئسي ذريعي خريد ڪيو ٿو وڃي. اهو به ڄڻ هڪ بضر پئاڻن جي جنس بڻجي پيو آهي. ڪورٽن وغيره هنڌن تي ڏسندا ته ڪوڙا ڪپڙي جيڪي اصلي گنهگار آهن اهي پنهنجن گناهن مٿان ڍانڍيءَ جي سگهن جو پوش چاڙهي نياءَ اڌڪارين کي به خريد ڪندا آهن. پنهنجن گناهن جو ڀاڱو هلڪو ڪري سگهن ٿا.

ٻار توڙي ٻڍي جي رڳ رڳ ۾ ديش ڀڳتيءَ جي ڀاونا ڀريل آهي. هرهڪ شخص ديش لاءِ ديوانو آهي ۽ مرڻ لاءِ به تيار آهي. جيڪڏهن اهڙي وچار ڌارا اسان جو هرهڪ ڀارتواسي ڌارڻ ڪري ته اسان جو ڀارت جيئن جهان کان ڏهوڙو آهي تيئن چمڪندو به ڏهوڙو.

ڪاش! اهي مهاپرشن جا سپنا ساڪار ٿين. اهي ساڪار ڪرڻا آهن، اسان کي ۽ ملي ڪري ديش کي ناهڻو آهي، ديش جا دک دور ڪري ديش کي سرڳ بڻائڻو آهي جيئن پهرين ڀارت ۾ کير جون نديون وهنديون هيون وري اهي نديون وهن، مگر اڄ نه وهندڙ نديون به سڪي ويون ٿيون. اهو سڀو نتيجو آهي انهن ڪڌن ڪرتوتن جو جيڪي اسين ڪري رهيا آهيون.

”ڇا هن کي چئجي آزادي ۽ باپوءَ جي سپنن جو راڄ؟
جتي نه ڪوئي آهه سلامت، ڀينرن جي لٽجي ٿي لاڄ
رت شهيدن هن لاءِ هاريو، بيحد آهي دک جي بات،
ڪيڏي آهه آپيشاهي، هرڪنهن کي آهه پنهنجي ذات“

انهن ڪري هرڪنهن ٻار ۽ ٻڍي کي، امير توڙي غريب کي، زال توڙي مرد کي سوچڻو ئي نه بلڪ سنڪلپ ڪرڻو آهي ته بس ”ديش کي اڏڻو آهي.“ پنهنجي زندگيءَ جو حصو ديش کي ارپڻ ڪرڻو آهي،

اڄ اُهو رت نه بدلبو ٿي پيو آهي، پڇي پري رهيو آهي مگر سارتيءَ ڪي نه سمڪ ٿي ڪانه آهي نه اِهيءَ رت سان ڇا وهي وايري رهيو آهي.

داش جو نه ڪهڙو به حال ٿئي اُهو شاد رهي يا ناشاد ڪنهنکي پرواه آهي نه آگرين ٿي ڳڻڻ جيترن ڪي هرڪو پنهنجا ٻنڌڪ ٻنڌس ۽ پنهنجا واپار وڌائڻ جو سوچي رهيو آهي. ڪنهن داش ڪي وڌائڻ جو ڪونه سوچيو آهي. متان ڪنهن ڏينهن ڪرسي ڪسجي وڃي تنهن ڪري مزا ماڻي وٺون.

جپان لاءِ جڏهن دشمن ڪاهه ڪئي له سچو داش ناس ٿي ويو هو. منجهند جي وقت هڪ ڏهن سالن جو ٻار اُس ۾ قانل ۽ پراڻي ڇني ڪسٽي وڃي رهيو هو. ڪائنس هڪ شخص پڇيو "اي ٻالڪ! لڳو هيءَ قانل ۽ پراڻي ڇني ڇو ڪسٽي آهي؟ نئين ڇو ڪين ٿو وٺين؟"

تنهن لاءِ ٻالڪ وراڻيو: "سائين هيءَ ڇني ڪهڙي به آهه مگر مون وٽ منهنجي پياري داش جي آخرين نشاني آهي. اِها ڪيئن وڪڻندس."

ڪيتري نه داش لاءِ سڪ ۽ محبت سمايل آهي اِهن سٽن ۾، اڄ اُهو داش ڪيتري نه وڏي اوڄ لئي ٻهتل آهي ڇا جي ڪري؟ ڇاڪاڻ ته اُن ملڪ جي

انهن ڪري اچو ته پڻ ڪريون. شاعر لڌهين ته چيو آهي:

” هن اُجڙ گلشن کي پنهنجي خون سان سينگاريو،
هن چمن جي خوشبوء اي صبا هر پار ڏي پهچائيو.“

اهو سنڪلپ پڪي ارادي سان ڪريون. اَڄ ديش کي خون جي نه ضرورت ڪانه آهي، اَڄ ديش خون ڪونه ٿو گهري ڇاڪاڻ ته هاڻي شايد لڙاين جو ڀڳ شانت ٿيو آهي، هاڻي هرڪنهن سان دوستيءَ جو هٿ وڌائڻو آهي مگر لڙڻو آهي گهرو مرض سان جيڪي اسان جا جاني دشمن آهن جهڙوڪ ڏڪتي لبتي وغيره.

مطلب ته اهي ڪرسمون ۽ خون جو تالپرج آهي ته انهن سان لڙندي جيڪڏهن جان قربان ڪرڻي پوي ته به نه هٻڪجي. مطلب ته اڄ اسان جو ديش اسان کان اسان کان عقل ۽ اسان جي طاقت گهري رهيو آهي.

مطلب ته جيئن اڄ ڪالهه اسان جهڙا ٻيا ڀائر ڊاڪٽر، انجنيئر يا وڪيل جي ڊگري وٺي اچن ٿا ته انهن کي پنهنجو ڪارو به ڪرڻو آهي مگر ساڻ ساڻ ديش سان به وفادار رهڻو آهي. انهن ته ٿئي جو عقل ديش جو گهاٽڪ ستي ٿئي. جڏهن انجنيئر پئسا وٺي سيمينٽ ۾ مٽي ملائي بلڊنگون ٺهرائن ٿا جنهن ڪري جوکم جنتا کي رسي ٿو.

پنهنجا ڪارڻ ديش کي ارپڻ ڪرڻا آهن.

"ڌنهن ۾ ونڊجي اٿئي مال تن،
نه ڌن آهي ڪافي نه ڀيٽا ڏي من،
نه من آهي موافق نه ارپي ڏي تن،
نه تن جي توانو نه ڏي مٺو وچن،
مگر ڪي نه ڪي ٽوڪي ڏيڻو ضرور آ،
فدا ديش-ڀڳتيءَ لاءِ ٿيڻو ضرور آ."

ان، من، ڌن ۽ تن جيترو ٿي سگهي، مطلب ته شڪتيءَ آهر هن ديش کي ارپڻو آهي ڇاڪاڻ ته اسين پنهنجي ديش جا قرضدار آهيون اسان جي مٿان ديش جو قرض آهي، اسان جي مٿان هن ڀارت ماتا جا قرض آهن. هونءَ ته ماءُ جا قرض ڪوئي لاهي ڪو نه سگهيو آهي ۽ نه سگهندو، ڇو ته خود ڀڳوان به پاڻ کي ماءُ جو قرضدار سمجهيو ته بندو ڪهڙي کيت جي مُوري آهي؟ مگر تنهن هوندي به فرض نباهڻ ڪجهه قرض لاهڻو آهي جنهن ڪري قدر هلڪا ٿي وڃون. تنهن ڪري هن ماتر ڀوميءَ، جنهن جي مٽيءَ ۾ ڪيڏي وڏا ٿيا آهيون، جنهن جو پاڻي پيتي ۽ ان کائي هيءَ جواني ماڻي آهي ڇا اُن جا قرضدار نه آهيون؟ ضرور آهيون اڙي! جيڪڏهن واچ نٿا ڏئي سگهون ته مور ته موٽائي ڏيون ديش کي.

"مسمريزم يا هپنوٽزم"

(Haresh Motiram Valecha XI B Arts)

جادو......منتر...... ٽونا......ٽوٽڪا......هي ڇا آهي؟ گهر ۾ زالن کي ڪنهن جي پٺيءَ (اليڊراس) جو پنو ڏيکاري گهر کي لٽي ويڻ! ٻارن تي يا وڏن تي اهڙو جادو ڪرڻ جو هر هڪ پيو سندن پٺيان هلي!! هي آخر ڪهڙي بلا آهي جنهن هيتري واءِ ويلا مچائي آهي.

اَڄ مان به توهان کي اَهڙيءَ هڪ شڪتيءَ کان ٿو واقف ڪرايان، اُن شڪتيءَ کي اڄ جي وگيانڪ يگ ۾ به ڪيترا ئي ماڻهو جادو منتر ڪري ٿا سمجهن، پر در حقيقت اهو ڪو جادو منتر يا ٽونو ٽوٽڪو ڪين پر هڪ وگيانڪ ڪمال آهي.

سنه ١٧٣٣-١٨١٥ جي اندر هڪ ڊاڪٽر انٽن مسمير نالي ماڻهو پيدا ٿيو هو، جنهن ان شڪتيءَ لاءِ ماڻهن اندر چاهه آندو، ان کان اڳ ماڻهو ان شڪتيءَ کي جادوگرن جي ملڪيت يا جادو منتر ڪري سمجهندا هئا. هن ڊاڪٽر جي نالي سان ئي ان شڪتيءَ جو نالو "مسمرازم" پيو.

ڊاڪٽر دوا بدران پاڻي ڏين ٿا جيئن مريض وڌيڪ ڏينهن سندس دڪان تي اچي. مطلب جيون دان ڏيندڙ جيون وٺندڙ بڻيا آهن اهڙن ديش دروهين کي سبق سيکاري ديش کي ناهڻو آهي.

بيا ڪي اسان جا پائر جهڙي واپار جي ڀلائي يا پڙهڻ جي ڀلائي وديش وڃن ٿا مگر اُتان جا ٿي ٿي وڃن ٿا ۽ اُنهن ملڪن کي فائدو پهچائن ٿا. جنهن کي پڻ اڪرن ۾ غداري جڳهي نه نيڪ آهي.

”جاڳو اي نوجوانو ! اچو ته اٿون ديش کي ،،
پدهنجي همت ۽ پرشارت سان وڌايون ديش کي.“

جئه ڀارت

Phone C/o 1560 Phone: 2367

卐 گووند ڀنڊار 卐

(سڪي ۽ آلي ميوي جو ريزڪي دڪان)

شاپ نمبر ۷۰، شو مندر روڊ،

اوني اُلهاسنگر ۵

برانچ :-

نيتاجي چونڪ، شاپ نمبر ۲۲۴

Prop: Ramesh & Kumar

وسيلي ڪو به علاج ڪين ٿو ٿئي پر جيڪڏهن ڪو به مريض ڪنهن به هڪ چمڪيدار شيءِ کي هڪ ٽڪ نظر سان نهاري ٿو ته ڪجهه وقت ۾ ڪمس (پاڻ) ننڊ اچي وڃي ٿي جنهن ۾ ماڻهوءَ جي بدن جو (Nervous Tension) هڪ دم ڍلو ٿي پوي ٿو ۽ ان طريقي سان ڪيترين مانسڪ بيمارين دور ٿي سگهن ٿيون، يا ڪو به انسان پنهنجي اندر جي ڪا به خراب عادت مٽائي سگهي ٿو،

سنه ١٨٠٨-١٨٥٩ جي وچ ۾ هڪ ڊاڪٽر جيمس ايسڊلي، ڊاڪٽر جيمس برڊ واري مٿي ٿي هلي ٣٠٠ کن ننڍا وڏا آپريشن ڪاميابيءَ سان ڪيا. اڄ ڪلهه به جپان يا آمريڪا ۾ ڪيترا ئي ڊاڪٽر ان (مسمريزم يا هپنوٽيزم) جي مدد سان مريضن جا ڏک دور ڪري رهيا آهن جن مان مکيه آهن بنا سور ڏند ڪڍڻ، بنا تڪليف ٻار پيدا ڪرائڻ يا پيا به ڪيترائي ننڍا چاهي وڏا آپريشن ڪاميابيءَ سان ڪرڻ،
”هن شڪتيءَ کي جادوگر نظربندي يا سمهڻ ڪري چوندا آهن.“

ڪرڻ جو طريقو :-

مان توهان کي هڪ نهايت سولو طريقو ٿو ٻڌايان جنهن وسيلي توهان هڪ ڪڪڙ لي ڪجهه ئي منٽن

هيءُ ڊاڪٽر جولش جو پڙهيو هو ؛ اُنهن مريضن کي شفا ڏيندو هو جيڪي مريض ٻين ڊاڪٽرن کان نيڪ ٿي ڪين سگهندا هئا. هي ڊاڪٽر مريضن جو علاج هڪ چقمقي پٿر يا نه مريض جي بدن ڏي خاص نمونن سان هٿن جا سپرش ڪري ڪين نيڪ ڪندو هو.

هرهڪ انسان جي اندر هروقت هڪ بجلي شڪتي يا تيج چالو هوندو آهي جنهن کي (Aura) يا "اورا" ڪري چوندا آهن. خاص سائنس جي اوزارن جي مدد سان ڏي ان تيج کي ماڻهوءَ جي چوگرد ٦ کان ٨ انچن جي گهيري ۾ ڏسي سگهجي ٿو.

اهو تيج يا اورا ڏهڪي ۾ گهڻو ماڻهو جي هٿن جي آڱرين ۾ ٿئي ٿو جتي اهو ١٢ کان ١٥ انچن تائين هوندو آهي، ان مان ثابت ٿو ٿئي ته هيءَ شڪتي وڌ ۾ وڌ هٿن جي اندر ٿئي ٿي، جادوگر هٿن جي ان شڪتيءَ جي مدد سان ڏي پالر ڏي "سموهن" يا "مسمريزم" ڪندا آهن پر ان لاءِ ماڻهوءَ جي اندر زبردست چارڻ يا آتمڪ شڪتيءَ جي ضرورت آهي.

هن شڪتيءَ جو نالو مسمريزم مان بدلجي هپناٽزم هڪ ڊاڪٽر جيمس براڊ (١٧٩٥-١٨٦٠) جي ڪري پيو، هن ڊاڪٽر جو چوڻ هو ته چقمق يا هٿن جي

حڪم ڏيڻ چالو ڪري. ٻهراڙون حڪم ڏيس ته هو ٽارچ يا ڪرشل بال ۾ هڪ ٽڪ نظر سان نهاري ۽ ڌيان ٻورو اُن ۾ رکي. ڏسندا ته ڪجهه وقت ۾ پاتر جون اکيون پاڻيءَ سان ڀرجي وينديون، پوءِ حڪم ڏيوس ته سندس بدن نستو ۽ اکيون مٺي سور سبب بند ٿيڻ چالو ٿينديون ڪجهه وقت ۾ ٿي پاتر توهان جي حڪم هيٺ سمهي پوندو، پوءِ توهان اُن پاتر کي ڪوبه حڪم ڏيئي اُن کان ڪوبه ڪم ڪرائي سگهو ٿا. ڪجهه به ڏيکاري سگهو ٿا يا ڪنهن به سوال جو جواب حاصل ڪري سگهو ٿا. پراڻن ماڻهن يا دوست بابت سموري ڄاڻ پڻ حاصل ڪري سگهو ٿا.

اَمونيا جيڪا ماڻهوءَ کي اکين ۾ پاڻي آڻي ڇڏيندي آهي اُها پاتر کي سنگهائي ڇڏي سگهو ٿا ته اِهو گلاب جو پاڻي آهي يا ڪو عطر آهي. ڏسندا ته هو امونيا زور سان سنگهندو سندس اکين مان پاڻي به ڪين ايندو ڇو جو امونيا هن کي عطر پيو لڳندو.

پاتر جي هٿ ۾ هڪ سئي به هڻي سگهو ٿا سندس هٿ تي ارنڊ ليلي به رکي سگهو ٿا پر کيس چوڻو آهي ته سندس هٿ ۾ بلڪل سور ڪين ٿيندو. ڏسندا ته سئي لڳڻ کان پوءِ به پاتر جي هٿن ۾ بلڪل سور ڪين ٿيندو ۽ نه ڪو رت نڪرندو.

۾ اثر ڪري سگهو ٿا ۽ بيهوش ڪري پنهنجي اثر يا وس ۾ آڻي سگهو ٿا.

”هڪ دوست کي چيو ته ڪڪڙ کي اهڙي نموني پڪڙي جو ڪڪڙ جي چنهب ڌرتيءَ سان لڳل هجي ۽ پوءِ اُن چنهب جي سڌائيءَ ۾ هڪ چاڪ جي مدد سان هڪ سڌي ليڪ ڪڍو اها ڪريا ڪجهه منٽ ڪرڻ کان پوءِ ڏسندا ته ڪڪڙ بيهوش ٿي پوندو ۽ هٿن مان ڇڏڻ کانپوءِ به هڪ ئي هنڌ پيو هوندو.

ڪڪڙ تي اهو اثر انڪل هڪ ڪلاڪ کن رهندو آهي. ان نموني سان ماڻهوءَ تي به پرالوگ ڪري سگهبو آهي. جنهن ماڻهوءَ تي هپناٽيزم ڪرڻي هجي اُن کي ”پاتر“ يا (Subject) ڪري چوندا آهن ۽ جيڪو ڪرڻ وارو هجي اُن کي ”سموهن ڪرتا“ ڪري چوندا آهن.

هن پرالوگ ۾ گهرجي ته پاتر جو سموهن ڪرتا ۾ پورڻ وشواس هجي. پهريائين پاتر کي هڪ آرامده ڪرسيءَ تي ويهارجي، سموهنڪرتا کي گهرجي ته پاتر جي اکين تي بيهي ۽ هٿ ۾ هڪ چمڪندڙ ڪرسٽل بال، يا بين ٽارچ کڻي بيهي، جيڪا پاتر جي اکين کان ۱۲ انچ پري ۽ ٿورو مٿيرو هجڻ گهرجي. هاڻي سموهن ڪرتا کي گهرجي ته پاتر کي

"پئسي جي دنيا"

امرت واسواڻي (ايس. واءِ. بي. اي)

اَڄ ڪهڙو لڳو هيءُ واءُ آ،
هرڪنهن جو مَن ۾ ساهه آ.

١- پٽ پيءُ جو نه رهيو
ماءُ ڌيءُ جو سنبنڌ نه رهيو
رشتا ناتا سڀ ويا ٽٽي
محبت دلين مان وئي آ ڪٽي
"محبوبا" جو پئسي سان ٿي لڳاءُ آ، اڄ...

٢- پئسي کي ٿي وڏي طاقت آ
پئسي سان ٿي هرڪا نزاڪت آ
پئسي سان ٿي انساني هستي آ
پئسي سان ٿي اڄ هرڪنهن کي مستي آ،
پئسو ٿي پيرڻ پئسو ٿي پاءُ آ. اَڄ ڪهڙو....

٣- پئسي ٿي آهن ڪيئي رنگ ڇيڙيا
پئسي ٿي دلين ۾ آهن وڃا پکيڙيا
پئسي بنا انسان جي شخصيت آ اجائي
پئسي کان سواءِ دنيا ۾ ٻي نشيءِ ڪائي
پئسو ٿي پيءُ پئسو ٿي ماءُ آ. اَڄ.......

سو دوستو اِن نموني ڪيترائي ڪمال ھن شڪتيءَ جي مدد سان ڪري سگھجن ٿا پر مان اُھي ھن وقت ھت ڏيکي ڪين ٿو سگھان.

باقي ايترو چوڻ ضروري آھي تہ ھيءَ شڪتي جادوگرن ۾ وڏيڪ لوڪپريہ آھي ۽ جادوگر اِن شڪتيءَ جي مدد سان ئي ھڪ ڇوڪريءَ کي ھوا ۾ لٽڪائي سگھي ٿو يا ڇوڪريءَ کي ڪٽي ٻہ اَڌ ڪري سگھي ٿو يا ڪجھ بہ حاضرن کي ڏيکاري سگھيٿو.

اُلھاسنگر جا مشھور مٺائي وارا

ھريش مٺائي وارو

شاپ نمبر ۱۴۵۰. مين بازار، اُلھاسنگر-۴ (فون 795)

ڀاشومل مٺائي وارو

ڪفائتي اگھہ ۾ مٺايون، ھروقت تيار ٿيل ڊالڊا مان

۵۰ ڪلو آرڊر ڏيڻ واري کي اُلھاسنگر ۾ ڊليوري فري

نندلعل باجومل (فون ۳۰)

”شري سوامي ليلاشاهه مهاراج“

چاپڙيا شوپا
(سيڪنڊ بي.اي)

”شري سوامي ليلاشاهه مهاراج“

جڳت کي لباهي ۾ ڏي وڌندو ڏسي،
ستيه شيل شردا کي گهٽجندو ڏسي،
ڌرم نيت مريادا مٽندو ڏسي،
ڌرم گيان جو ديپ اجهندو ڏسي،
نبل ناؤ تارڻ لءِ آئين ملاح،
سچا سنت يوگيشور ليلاشاهه

سنت سماج جا سچا سونهان آهن. هو سماج جي راهه روشن ڪن ٿا. پليل پتڪيل جيون جو مارگ - درشن ڪري اجڙ جيون آباد ڪن ٿا. هو جڳت جي جگر جو لوڪن جو جان جگر بڻجي، جمڙي ۾ جيان دنيا روپي شرير

۴_ جنم کان موٽ تائين بس پئسي جي زنجير آ
اَڄ پئسي ۾ جڪڙيل انسان جي تقدير آ،
پئسو اٿيئي سڀ ڪجهه هرڪو پيو پڇي
پئسي بنا نه پنهنجو دوست به نه ڪڇي
مطلب نه پئسي ۾ ئي انسانيت جو ڀلاءُ آ اَڄ...

۵_ پئسو هڪ خوفناڪ ڏائڻ آ
پئسو پيو نه هڪ زهريلي نانگڻ آ
جنهن هرڪنهن کي آهي ڏنگيو
تون به نه بچندين "اَمرت" هن کان ڪوبه نه بچيو
پئسو ئي مندر پئسو ئي درگاهه آ، اَڄ ......

●

Phone C/o 2302—2303 Phone 1233

سنڌين جو شان اُلهاسنگر ۾ هڪ ئي دڪان

درشن اسٽورس

مين بازار اُلهاسنگر-۴

اسان وٽان لوهان کي کهڙ جو پائوڊر، چانهه، ڪافي
بدو خواهه رازڪي هروقت سٺو ۽ سستو ملي سگهندو .

نوٽ :- هوٽلن ۽ ڪنفيڪشنريءَ وارن لاءِ خاص
سهوليت.

سادو ۽ ساتوڪي ڀوڄن ڦل ڦول ۽ ڪچيون ڀاڄيون کائيندا هئا. روٽي ٿورو وقت ئي ڏهي سان ايندي هئي ۽ ولو روٽي نه کائيندا هئا.

جڏهن ۱۵ آگسٽ ۱۹۴۷ع ۾ ڀارت آزاد ٿيو تڏهن هندن کي پاڪستان مان لڏڻ لاءِ مجبور ٿيڻو پيو. چوڌاري نراسائي مچل هئي تڏهن اهڙي نراسائيءَ جي حالت ۾ ماڻهن سان حال اوري، سندن ڏک ۾ دلاسو ڏيڻ جي سخت ضرورت هئي تڏهن ليلاشاهه ان ڪارڻ لاءِ هڪدم نڪري روانا ٿيا.

صبوح ۽ شام جو سفر کي زندگيءَ جو اصول بڻائي ڇڏيائون ۽ سندن اهو سفر جاري هو صرف لوڪ ڪلياڻ واسطي. ڪيترن کي نوڪري وٺي ڏنائون، ڪن کي ڌنڌي ڪرڻ جي صلاح ڏنائون ۽ ٻارن جي پڙهائڻ لاءِ اسڪول جاري ڪرائڻ لڳا.

سوامي جن نه فقط مشن ۾ پر جيو ماتر ۾ به برهم ٿي پسيو، هو پنهنجي وشواسين کي دکن ۾ ڏسي ماٺ ڪري ويهي سگهندا؟

جيڪي بيمار سندن در تي سوالي ايندا هئا ۽ شفاياب ٿي ويندا هئا. کين اها ئي چنتا هوندي هئي ته شال هي آباد وشال ٿين ۽ سندن شان اوچو ٿئي.

سوامي جن ڏٺو ته سنڌين ۾ سماجڪ روڳ وڌندا

جو ٻڪ هوندا آهن لوڪن کي خرابين کان دور ڪري اُنهن جي وڪارن کيءَ دفع ڪرڻ لاءِ يتن ڪندا رهندا آهن.

اهڙي جڳت وندنه مهاتمائن مان ٿــي گذريا آهن سوامي ليلا شاهه مهاراج. جنهن جي جيون لکيه مٿه هئي جن پنهنجي سڄي جيون لوڪن جي ڪلياڻ ۾ اَرپڻ ڪئي.

هو اَننت گڻن جا ڀنڊار هئا. هن ننڍڙي زبان ۽ قلم کي ڪهڙي طاقت جو سوامي ليلا شاهه جي گڻن ۽ جيونيءَ جو ورڻن ڪري سگهي انهيءَ جــي مهما اڳيان قلم جي ڪهڙي طاقت.......

سوامي ليلا شاهه جو جنم ١ اپريل ١٨٨٠ع ۾ ٿيــو. ننڍي هوندي ئي سندن مٽيا ڀهڪڻ لڳي. ننڍي هوندي کان ئي سندن مــن ، شيوا، ڀڄن ۽ ست سنگ ۾ لــڳل هوندو هو.

هو رات ڏينهن گرو شيوا ۽ آتــم چنتن ۾ محو هوندا هئا. ڪامني ۽ ڪنچن جا پورن ٽــياڳي هوندا هئا. نيم ٻڌو جيون گذاريندا هئا.

هو پوشاڪ اوچي ڪونه پائيندا هئا، سادو ڪاڏيءَ جو هٿ جو ٺهيل گهگهو پائيندا هئا ۽ گهڻو ڪري پاڻ ئي ناهيندا هئا. ٻه وڳا رکندا هئا ۽ گهڻو ڪري چمپل نه پائيندا هئا.

لون جي ڪري وڃن سڀڏن سان پلاڻون،
وسرنديون نه هرگز تنهنجون چڱايون،
جتي سڀ لياڳي سڀڏن جا سولهارا "

سوامي جن صبح جو ٣ بجي اٿندا هئا پاڻيءَ جي تڪليف هئڻ سبب پاڻي ڀري پوءِ جهنگلن ڏانهن سوڀل ٿي پنڌ ڪرڻ ويندا هئا ۽ ڪٿي گسائي جهنگل ۾ واهي ڪڏهن سماڌيءَ ۾ ليٽي ويندا هئا. سوامي جن جي چلتي ڦرلي لئبرري هئي جو سڀ ڪندي ڪيترا ڪتاب دان ڪري ڇڏيائون. ڏوڪ مان آلم جگياسين کي ويدانت شاستر پڙهائيندا ۽ سمجهائيندا هئا. ضروري ۽ ٿورو وقت ڳالهائيندا هئا ۽ گهڻو وقت سانت ۾ گذاريندا هئا.

سوامي جن جي من ۾ عورتن جي شهوا ڪرڻ جي ڏاڍي لگن هوندي هئي. سداچاري ۽ سادگيءَ جي مجسم صورت هئا. اوچ ڪوٽيءَ جا سنت سمجها ويندا هئا، سوامي جن هرهڪن جي آڌار ۽ سڌار لاءِ انيڪ ڪارج ڪيا. "اوم تت ست" سندن مکيه منتر هوندو هو.

ڪرامت جا صاحب: هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته ٺٽهار جي شهر ۾ هڪ ڇوڪرو اچي سخت بيمار پيو ايتري قدر جو سندس ضروري ڪرايائون ته ابتري ٿي ٿيڻ لڳيون. مائٽن ڇوڪري جا ڪيترا علاج ڪرايا پر

ڏنا وڃن. شادين تي اجايو ڏيڻ وٺڻ ماس ۽ شراب جا اڏنگا نمونا، ڏيتي ليتي ۽ جو وڌندڙ مرض، اهو ڏسي اخبارن وارن ديش جي جدا جدا ڀاڱن ڏانهن سنديش پهچايائون ته "ڏيتي ليتي وڻڻ هڪ مها پاپ آهي."

سوامي جن سنيما جي ڏاڍو برخلاف هوندا هئا سندن اهو خيال هو ته سنيما لوڪن کي چرتر هيڻو بڻائي ٿي. چورين ۽ ڌاڪا هڻڻ سيکاري ٿي، عشقي شادين رچائي ٿي ۽ انيڪ پرڪارن جي برائي ۽ جو پرچار ڪري ٿي. سنيما گهر مانهن لاءِ مڙهين ۽ پوڄا گهر ٿي پيا آهن. سنيما ڏسڻ سان اکين جي نظر گهٽ ٿئي ٿي.

سوامي جن سنڌي ٻولي ۽ لاءِ ڏاڍو زور ڏيندا هئا جو ته سندن خيالن موجب "سنڌي ٻولي هڪ خوشبودار گلن جو گلدستو آهي، جنهن ۾ ساهت جو املهه خزانو آهي. انهي ۽ ڪري سنڌي ٻولي نه ڇڏيو ۽ سنڌي ٻولي ۽ کي وڌايو.

سوامي جن سنڌي سماج جي هر هڪ پهلوءَ ڏانهن ڌيان ڏنو. ڪنهن چيو آهي:

"سدا ياد رهندين سنت سچا ر،
مهاتما موچارا ليلا شاه پيارا،

ماڻهو صحتمند رهڻ لاءِ سهائتا ڏيڻ آشرم وٽ آيا ها پتو ڪونه پيو، شهر ۾ ڳولا ڪيائون آهر اسٽيشن لڳي ڳولا ڪيائون، حاج جوڙ ڪيائون پر ڪو به پتو ڪونه پيو لڌهن سب عجيب ڳالهه لڳي ته هتي گهوڙو اسوار ٻيو آهي سيٺي کي پڪ ٿي ته هو نه ڪٿان آيا هئا نه ڪيڏانهن ويا هئا هو فقط سڪايل کي درشن ڏيڻ آنتردان ٿي ويا هئا.

اهڙيءَ طرح سوامي جن ڪيترن پيڙهتن جا دکيائن جا دک دور ڪندا هئا جيئن ته هو ڪنهن جو دک ڏسي سهي نه سگهندا هئا بلڪ پاڻ اهو علاج ڪري ماڻهن کي شفائي عطا ڪندا هئا.

سوامي جن جون ڪجهه سکيائون :-

١- سنسار هڪ وهندڙ نديءَ مثل آهي جنهن ۾ ترشنا روپي مانگرمڇ پار پهچڻ ۾ رنڊڪ وجهن ٿا جيڪڏهن اسين انهن وس ٿياسين ته ندي پار ڪري نه سگهنداسين انڪري سوامي جن جو چوڻ هو ته هيءَ دنيا اسار آهي ان ڪري اسان کي انهن مڪارن کان پاسو ڪري، ترشنائن کان پاڻ بچائي سنسار روپي ساگر مان پار لنگهڻ گهرجي.

٢- ماتا پتا ۽ گروءَ جي سيوا ڪرڻ گهرجي ان ساڌن جو ستسنگ ڪجي جنهن سرجنهار اسانکي

ڦاٿندو اصل ڪونه ٿيو، حالت بلڪل خراب ۽ بچڻ جي
ڪابه اميد نه رهيس. مگر ڇوڪري کي سوامي جن جي
ٽار لڳل هئي ۽ ماٺن ڪري ڇانئين مونکي سوامي جن کي
ٻڌائي ڏنو.

انهيءَ وقت سوامي جن جي ڪابه خبر ڪونه
هئي ته اڄ ڪٿي آهن. سوامي جنهن برهمڻ کان
پڇا ڪرڻ کان پوءِ پتو ڪونه پيو سو نااميد ٿي پيا.

هونئن ڇوڪري کي ٽار لڳي پيئي هئي هو
سائين ليلا شاهه کي پڪاري رهيو هو ته اوچتو سوامي جن
انهيءَ گهر جي در ٻاهران اچي بيٺا. اهو عجيب
اسرار ڏسي سڀ وائڙا ٿي ويا ڇا ڪنهن ٽار يا ٽيليفون
ڪرڻ جي سوامي جن پاڻ پڌاريا آهن. پوءِ ڪيس
نمسڪار ڪري اندر وٺي آيا ۽ پوءِ سوامي جن ڇوڪري
تي سڌو ڪيو ۽ ڇوڪرو سوامي جن جو درشن ڪري
خوشيءَ ۾ نه پيو ماپي هو اهڙيءَ خراب حالت هوندي
به هو اٿي ڏڪ پائي اچي سوامي جن جي چرڻن لڳي
ڪريو.

سوامي جن ڪيس اٿاري بستري تي وهاريو. پوءِ
ڪجهه وقت وٺي پوءِ اتان روانا ٿيا. درشن پڄاڻان ان
ڇوڪري جا سڀ ڏک دور ٿي ويا. سوامي جن جي
اچڻ جي خبر جلد ئي شهر ۾ ڦهلجي وئي ۽ سڀئي

ٻڌائڻ انهن جو پهريون فرض هئڻ گهرجي، جو نه شيوا ڪندڙ ڀڳوان جو روپ ٿئي ٿو.

ٻيو ڳوڙهي ۾ رکيل ڏن ڪم نه ايندو پر ڏن اهو ٿي ڪم ايندو جيڪو شڪتيءَ انوسار دان ڪبو.

سوامي جن نه فقط انهن سکيائن کان سواءِ ٻيون به ڪيترائي سکيائون ۽ اُپديش ڏيندا هئا پر پاڻ اُهي انهن جو عمل ڪري ڏيکاريندا هئا. عام طرح چيو ويندو آهي ته ڪرڻ ۽ چوڻ ۾ ڏاڍو فرق ٿيندو آهي پر سوامي جن ۾ اها خاص خوبي هئي ته هو جيڪو چوندا هئا ان کان اڳ هو پاڻ ڪري ڏيکاريندا هئا ته ماڻهن کي وڌيڪ اثر ٿيندو هو.

مطلب ته سوامي جن سچا يوگيراج، سنياسي، تياڳي تپسوي، ڪرم يوگي جي ساکيات صورت هئا.

سوامي جن جو دورو ڀارت اندر محدود نه رهيو پر ٻاهرين ملڪن ۾ به هو رٿن ڪندا رهيا. ٻاهرين ملڪن ۾ به ڪيترن کي غفلت جي ننڊ مان سجاڳ ڪري سڌي دڳ لائيائون. دکين جا دک دور ڪرڻ ۽ ڀليل ڀٽڪيلن کي دڳ لڳائڻ سندن جيون جو اصول هو. سدائين اُڏامندڙ پکي ٿي رهيا. سوامي جن جي جيون ۾ عجيب وشالتا هئي. هندو جاتيءَ ۽ ديش جي خدمت لاءِ گهڻو پاڻ پتوڙيائون. پر سندن دل محدود ڪانه رهي سندن

هن سنسار ۾ پيدا ڪيو آهي.

"پاڻ هئي ته آباد هئا، پول گهٽي ته برباد هئا"

٣- وڏا ڏاڍا ۽ گهڻيرا سان پٽ جا پالڻهارا ٿيو. پرماتما توهان سان آهي ته پوءِ سزا ماڻي ڇو؟

٤- آپدائون ۽ وگهن اسان جا سچا آهن، جيئن ته راتاري لاءِ اهي ضروري آهن. انسان جي ڀلائيءَ جي ڪارڻ پنهنجي هٿ ۾ ولهه رکي ڌرم جو گهڙو ڪڍي لوڪن جي ڏکن ۽ پيڙائن کي شانت ڪندا ائيني وڌندا رهو.

٥- چنتا ڪڏهن به نه ڪرڻ گهرجي. پرماتما جي حڪم مٿي هميشه راضي رهڻ گهرجي. جو ته پريو جيڪو ڪري ٿو اُن ۾ انسان جي ڀلائي آهي.

٦- سوامي جن جي مکيه سکيا هئي ته هن جنم ۾ ڀڳوان ڪيو نه ڀڳوان جو گيان ۽ ڀڳتيءَ جو آنند ضرور پراپت ڪرڻو آهي. موڪش معني مُکتي جنم جو مول مقصد پراپت ڪرڻو آهي جنهن وهنوار جا ڪم ضروري آهن اُهن کان وڌيڪ هي ڪم ضروري آهي.

٧- پاڻ کي دک ڏيئي به ٻين کي سک ڏيڻ جي ڪوشش ڪجي. جيڪي پنهنجي سک لاءِ ٻين کي دک ڏئي ٿو اهو انسان آهي جهڙو ڪو دئيت.

٨- شڪتيءَ انوسار اُگهاڙن کي ڪپڙا ڏيڻ، بکايل کي روٽي ڏيڻ ۽ جي طاقت وارو آهن ته سنيانين کي

سماڌيءَ اڳيان شرڌا سان سر جهڪائين ٿا ۽ آسيس پائين ٿا. اهڙا سچا سنت ڪڏهن به ڀلائي نٿا سگهجن پر هو سدائين امر آهن فقط هي انساني چولو ڇڏين ٿا.

سنت سونهارا لبلا شاهه پيارا،
ڌن ڌن آهين مهان
توهانجي جوت مٿان قربان،
توهانجي جوت سان قربان.

اهڙن مهان سنتن جي جيوني فقط پڙهڻ ۽ لکڻ سان ڪو به فائدو نه آهي جيستائين اسان انهن جي ٻڌايل ۽ سمجهايل سکيائن تي هلڻ جي پوري پوري ڪوشش نه ڪريون.

ان ڪري اسان جو فرض آهي ته جيڪي اسين لکون يا سنتن جي جيوني پڙهون ته انهن تي عمل ڪرڻ جي به پوري پوري ڪوشش ڪري جيون سڦل ڪريون.

شل اسان ۾ اهڙي ڀاونا ۽ مهان سنتن جي آسيس ٿئي جو اسين به ٻکايلن جي بک لاهيون، اگهاڙن کي ڍڪيون، بي اجهن کي گهر ٺهرائي ڏيون، بيڪارن کي روزگار ڏيون، بيمارن ۽ ستايلن جي شيوا ڪريون، يٿا شڪتيءَ غريبن ۽ دکين جا مددگار بڻجون.

لاءِ وشؤ ڪتب هو. اِنڪري نه فقط سنڌي پر ڪيترن ذاتين جا ماڻهو جيئن گجراتي، مرهٽا، مدراسي، پنجابي وغيره به ڪن گهور گهوران ويندا هئا ۽ سندن بـــي حد عزت ڪندا هئا.

جولاءِ ١٩٧٢ع ۾ لکنو اکـــل ڀارتيه سمولن ڏانهن روانا ٿيا. سميلن بعد وشرام لاءِ آبو ۽ پهاڙ تي وڃي رهيا. ان ڪانپور شرار ۾ تڪليف سبب پالنپور روانا ٿيا.

٢ ۽ ٣ نومبر تڪليف وڌيڪ هئڻ سبب سوامـــي جن سيني کي پڌايو ته اسين وڃڻ وارا آهيون ۽ پنهنجي شيواداريءَ کي آتم گيان جو اُپديش ڏنـــي چيائون ته منهنجي شرار ڇڏڻ ڪانپور ۾ نه روئجو. آخر ٦ نومبر ١٩٧٣ع برابر آرتوار ڏينهن ٩٣ سال ۽ سابا ٧ مهينا جيون ليلا پوري ڪري هميشه لاءِ سنساري سفر پورو ڪري جوتي جوت سمايا.

سوامي جن جي برهم لين ٿيڻ جي خبر وچ وانگر ڦهلجي ويئي هزارين پريمي هنجون هارڻ لڳا، نيڻن مان نير وهائڻ لڳا. آخر سوامي جن جي مرتڪ شرار کي آشرم جي آستان ۾ سماڌي ڏيڻ لاءِ لوڪيه بندوبست ڪيو ويو.

هاڻي آدپور ۾ اهـــا سماڌي هڪ تيرٿ آستان بڻجي ويئي آهي. جتي اڄ به ڪروڙين پريمي سندن

ماٺ جو مزو

پروفيسر مينا روپچنداڻي

هيءَ هڙ هڙ واري حياتي ڪيڏو نه ٿڪائيندڙ آهي. صبح کان رات ٿائين ڪم، چنتا، اُچ وڃ وغيره وغيره. اوهه! ڪڏهين وقت ئي ڪونه ملي جو سوچيون ته نيٺ اسان جو ڇا ٿيندو؟ شانتي ملندي به يا نه! ڀلا شانتي آهي سهين هن سنسار ۾ ڄڻ غائب آهي صفح هستيءَ تان! شانتي کپي. اسان سڀني کي ٽنگون ٻانهون، دماغ، دل، سڀ هڻي هڻي ٿڪا آهيون. آرام ڪريون! نه نه! اِهو آرام نه شرير ڪندو. باقي آتما! آتما جي ٿڪاوٽ آرام سان، يا ٽنگون ٽيڙي ننڊ ڪرڻ سان ڪانه مٽبي. آتما به ٿڪجي ئي ٿڪجي پريشان ٿئي ٿي ۽ ڀٽڪي ٿي. ڀٽڪندڙ آتما! ٻوءِ ڀل سندس شرير ڪيڏن نه سکن ۾ هجي، شاهوڪاريءَ ۾ هجي. پر آتما دکي آهي، دکن آهي، اِي غريب آهي. اُن آتما کي آنند ٻخشڻ لاءِ ڇا ڪجي.

پياري دادا واسوائي اُن آتمڪ پياس ٻجهائڻ جو آتمڪ اشانتي دور ڪرڻ جو طريقو ٻڌايو آهي:

”شانت جو سبق سکو“، ٿي سگهي ته هڪ ڀيرا!

اهڙي نموني سڀ فرض پورا ڪري جيون سڦلي ڪرڻ ۽ پنهنجو سڄو جيون پر اُپڪار ڪندي وتيت ڪرڻ.

اهڙن مهان ۽ پوڄنيه سوامي جن کي منهنجي وارون وار نمسڪار آهي، جيڪي انساني چولي جي روپ ۾ سائين ۽ جي ساڪيات صورت هئا.

”نمسڪار ڪوٽي ڪرڻ، سنگر ليلا شاهه،
مان – ممتا کان پري، بيشڪ بي پرواهه،
چرڻ ڇهان تنهنجا، چت ۾ ڌاري چاهه،
نيٺ ڪرڻ نگاهه ته، ٻيڙو ٻانهي ۽ جو تري.“

”اوم تت ست“

●

With best compliments from

Shyam Photo Studio

Near Prabhat Talkies, ULHASNAGAR 421004

For Wedding, Birthday, Engagements

& other Functions Photos

in black & white Colour

گهر جون، سڪول جون، ڪاليج جون، ڪيئي ڇڏجن ۽ ساٿ ۾ سائينءَ جي ياد ڪجي. آتما کي شڪتي ملندي. اهڙي شڪتي جو آتما ڪڏهن ٿڪاوٽ محسوس ئي نه ڪندي. مؤن جو ٻيو نمونو آهي "**سمرتي مؤن** جو". سائينءَ جو نام من ۾ سمرڻ ڪريو، ٻاهران مؤن ڌارڻ ڪريو . پر سوال ٿو اُٿي ته ائين ڪرڻ سان من ٿو مڃي. سائينءَ جو ذڪر سمرڻ ڪرڻ بدران اهي نيون پراڻيون سنيون ۽ خراب يادگيريون من ۾ اُلائي ڪٿان ڪٿان اصل قبر مان ڪو نڪرنديون ڏڪنديون ٿيون اچن، اچي ٿو اُنهن جو سمرڻ ٿئي ۽ نه سائينءَ جي نالي جو. پوءِ ڇا ڪريون .

دادل شاهه چيو ڪم برابر مشڪل آهي پر جي ارادو اٽل آهي ته. اُنهن ڳالهين تي جيت پا شڪتي آهي. ٽئين قسم جو مؤن جيڪو دادا جن ٻڌايو سو آهي "**سنسار کي ترڪ ڪري رشين منين وارو مؤن ڌارڻ ڪرڻ**." پر مها ڪٺن آهي. ڪيترا رشي مني سنسار تياڳي هماليه تي چڙهي مؤن ڌارڻ ڪري ويا پر ترشنائون ڪين واپس وري آيون. ان ڪري ان ڪري اُن جو نالو دادل شاهه رکيو "**ترشنائن جو مؤن**"

اسين ترشنائن جو ترڪ ڪري نام ۾ نواس ڪريون سانت ۾ ويهي اُن هڪ نام ۾ ٽڪ لڳائي ڌيان ڪريون

ڪوٺي رکہ سانت جي سبق جي مشق پچائڻ لاءِ. پـر ڪوٺي ڪٿان اچي. منهنجو سڄو گهـر ئي نہ هڪ ڪوٺي آهي ٻي ڪٿان اچي! دادل چيو، ”ڪوٺيءَ ۾ هڪ ڪنڊ رکـ، جتي جو واڳو منڊل اهـڙو هجي جتي تون ڪجهہ گهڙيون سانت ۾ واهي سگهين.“ سانت ۾ وهڻ گهرجي اَن ايڪانت ۽ سانت ۾ سرير بہ سانت رهي ٿو ۽ آتما! آتما نہ اَپار شانتيءَ جي ڳولهائو آهـي اَن کي اتي شانتي ملي ٿي.

پر هڪ ڳالهہ اڃا بہ کٽڪي ٿي. گهر جـي هڪ ڪنڊ ۾ شانت ڪري، ويهون، ڪم ڪار ڪسان ٻڪ ڏورڙ ڪان، اڃائن ترشنائن ڪان، اُڃ بکہ ڪان، پيار نفرت ڪان، پر اها ”شانت“ آهي ڇا؟

تڏهن دادا جن فرمايو تہ **سانت** ٽـن قسمن جي آهي. **سانت** جو پهريون نالو آهي ”**موَن**“ ”ن“ کي جي هڪ ٻڙي ٻي بہ ڏينداسين تہ ٿي پوندو ”موُت“ يعني اها ”سانت“ اهڙي هجي جيڪا موُت جهڙي سانت جي واجهو هجي. ٻنهي ۾ رڳو ٻـڙيءَ ٽبڪي جو فـرق هجي يعني موَن ۾ واهجي تہ رڳو ساهہ هلي.

ٻهرين قسم جو موَن آهي ”**ڪرم موَن**“ سانت ۾ ڪنڊ ۾ جيترو وقت واهجي ڪم ڪان پري رهجي. اهي ڪجهہ پل، گهڙيون يا منٽ من مان سڀ چنتائون،

پنهنجو پاڻ چرلدر ڦرلڏ ڪل وانگر ٿو ڪم ڪري. پر ان جو نتيجو اَج پڇيو اولهه وارن کان. جيڪي اُن مشين واريءَ عياشيءَ سان بيزار ٿي، عيش عشرت سان تنگ ٿي اچ اوڀر جي ديش ڏانهن خاص ڪري اسان جي ڀارت ڏانهن اُميد ڀرين نگاهن سان نهارين ٿا ته **"اسانکي شانتيءَ جو ڪجهه حصو ڏيندا؟"**

اِها شانتي، سانت، روحاني سانت اسانجو ورثو آهي. ڀارت جو اُسين وساري ويٺا آهيون ۽ ڪوڙ پنيان هٿ ڌوڙي ڪاهي پيا آهيون پر ڪيترو وقت!

وقت آيو آهي جو اسين هٿڙن درويشن جي ٻڌايل ڏس تي هلون. سانت جو سبق پڪو ڪري روحانيت جي راهه ۾ هلون. اُن ۾ اسان کي انيڪ فائدا آهن. شرير، دل، دماغ نت نئين تازا توانا هوندا ۽ اسان جدي جالي، اسان جو ڀارت اِن نگريءَ اَشانتيءَ جي پيڙا کان نجات حاصل ڪندو جيڪا بيماري، جنهن بيماريءَ جو نالو آهي آتمڪ اَشانتي، عيش پرستي، دماغي پريشاني.

دادا سادو واسوانيءَ کي اُن ڪري ئي ته نئينءَ دنيا جو رهبر چيو اٿائون جو هن نئينءَ نهيءَ ڪسي الهڏ آپدائن کان اڳي ئي آگاهه ڪري علاج به ٻڌائي ڇڏيائين.

۽ ترشنائن کي ٽڦڙ هٽي پري ڇڏيون ۔

اهڙي هر قسم جي مؤن ڏارڻ ڪرڻ لاءِ رهبري کپي، گيان کپي، گروءَ جو جنهن کي پنهنجو آزمودو هجي اُن گروءَ جي ڪرپا، دعا، مہا حاصل ڪرڻ گهرجي جيڪو اسان جي هر مشڪل کي آسان ڪري ڇڏيندو ڪولي ڏئي. انڪري روحاني فضل پڻ گهرجي ۽ آتمڪ مهر منگڻ گهرجي.

آتمڪ شانتي ضروري آهي. دنيا ڏاڍي ڏکڙي ٿي هلي. ان دنيا جي رفتار ۾ اچي شرير ٻه ڏکڙو پيو ٿڙي. پر شرير آرام ڪري سگهي ٿو. آتما شرير کان الڳ نه آهي پر جڏهن سنساري ڪم ۾ محو ٿي شرير عيش آرام ۾ محو آهي، آتما اَشانت آهي، آتما شرير سان گڏ هلي نٿي سگهي آتما جي خوراڪ عيش آرام ڪونهي، آتما کي کپي روحاني شانتي، اُن ڪري شرير اڳتي آهي ۽ آتما پٺتي. آتما شانتيءَ جي تلاش ۾، شرير جي پٺيان رهجي ٿي وڃي. اُن ڪري هر جيو لاءِ ضروري آهي ته جيون جو روزمره جو ڪجهه وقت شرير کي ٻه هڪ هنڌ روڪي آتما کي شانتيءَ جي تلاش ۾ مدد ڪري ۽ اُن جو نسخو دادا جن ٻڌايو آهي ۔

هن ڏکڙ ڏکڙ واري زماني ۾ برابر انسان هڪ

"آخرين خواهش"

ٻونم ڪنهيالعل ٻمرواڻي (XI Arts)

آڄ اميت جي شادي هئي. مان انتهائي خوش جو پنهنجي خوشيءَ جو اندازو نٿي لڳائي سگهيس، منهنجي ڪنڌ تان تمام وڏو بوجھ لهي چڪو هو ۽ مان پاڻ کي هلڪو محسوس ڪري رهي هئس. منهنجي زندگيءَ جو مقصد پورو ٿي چڪو هو.

مون اُداس مسڪراهٽ سان سندس تصوير ڏانهن نهاريو. دل چاهيو ٿي ته مان زاروزار روئان روئي پنهنجو من هلڪو ڪريان پر نه، مون چپ ڪري چڪ پائي پنهنجي روئڻ کي روڪيو. مون نه پئي چاهيو ته هن خوشيءَ جي موقعي تي ڪير منهنجي دل جو درد ڏسي سو پاڻ کي گهڻو ئي روئڻ کان روڪيم پر منهنجي اکين جو پاڻي جڻ ٻاهر اچڻ لاءِ مچلي رهيو هو.

مان ڪرسيءَ تي ويهي تصوير کي گهوري ڪري ڏسڻ لڳس ۽ منهنجي اکين جا آنسون وهي ڪري تصوير کي ڀسائڻ لڳا، تصوير ڌنڌلي ٿي وئي. منهنجي دل مان اٿاهه درد نڪري ويو. مان اُن تصوير ۾ ڪوهجي ويس ۽ منهنجي ذهن ۾ گذريل وقت جي ڳالهه تاري

وري علاج ڪهڙو! نه جپ، نه تپ نه تن کي
تسيا، دليا ۾ رهو! دنيا وانگر ٿي دنيا جهڙا ٿي رهو.
رڳو نيم سان، ڏينهن جون ڪجهه گهڙيون پنهنجي آتما
لاءِ خرچيو. سانت ۾! مانت ۾!

”اوم تت ست“

With best compliments from

Phone 1285

SANTOSH
Tailors

Specialist In: Full Suit.Pant & Shirts

Shanti Niketan Building
Shop No. 8, Station Road
ULHASNAGAR-421003

Prop: H. Vashdev

(Monday Closed)

نه مٺارو پيو لڳندو هو.

پر شايد وڌاتا کان اسان جون خوشيون ڏٺيون ڪين وڃون جو اميت اڃا مس ٦ مهني جـــو هو جو ونود کي اڇي اڌ رنگ ٿي پيو.

هن کي وڏي اسپتال ۾ آندو ويو. پر ڪو فائدو ڪونه پيو. مان ڏينهن رات ڀڳوان جي اڳيان پنهنجي جهولي ڦهلائي ونود جي جيون جي ڀيک گهرندي هئس پر مونکي ڀيک نه ملي. مون کي چوڌاري نراشائي نراشا ڏسڻ ۾ ٿي آئي.

آخر ونود اسان کي هـن سنسار ۾ اڪيلو ڇڏي هميشه جي لاءِ اکيون ٻوٽي ڇڏيون. منهنجي مٿان جڻ پهاڙ ڪريو منهنجي سڄي دنيا ۾ انڌڪار ٿي ويو. مون کي ڪٿي به روشنيءَ جي ڪرڻ نظر نٿي آئي،

پر مون کي پنهنجو پاڻ کي سنڀالڻو پيو پنهنجي لاءِ نه پر اميت جي لاءِ مونکي پنهنجي دل کـــي ڏڍ ڏيڻو پيو. اميت اڃا ننڍو هو اُن جي سڄي ذميواري منهنجي مٿان هئي.

هاڻ ونود جي مائٽن ۾ به ڦيرو اچڻ لڳو. اڳـــ هو مونکي پنهنجي اکين جو نور ڪري سمجهندا هئا سي هاڻي ونود جي وڃڻ ڪانپوءِ مونکي ڌڪارڻ لڳا. هو پنهنجي پٽ جي موت جو ذميوار مونکي سڏڻ لڳا.

ٿي ويئي.

مان هڪ نهايت ٿي شرارتي ڇوڪري هوندي هيس. گهر ۾ صرف ماءُ ۽ پيءُ هوندا هئا. اُن زماني ۾ شادي ننڍي هوندي ڪرائڻ جو رواج هو. سو مون سان پڻ اها ئي ڪار اچي ٿي.

مان اڃان ١٦ سالن ۾ پير مس پاتو جو منهنجي ماءُ منهنجي شادي ڪرائي ڇڏي. خير مون آبائو گهر ڇڏي اچي ساهرو گهر وسايو. ونود منهنجي پتيءَ جو نالو هو. مون کي اُتي سيني ڳالهين جو سک هو. مان هيس به شرميلي، سو سيني جو من موهي ڇڏيم. سڀ گهر جا ماڻهو مونکي پيار ڪندا هئا. ونود مون کي پائي جڻ نهال ٿي ويو هو. هو مونکي آتما جي گهرائيءَ سان پيار ڪندو هو.

اسان جو جيون تمام موج ۾ گذري رهيو هو. سال کان پوءِ مونکي هڪ سندر گل سمان ٻالڪ ٿيو جنهن جو نالو اُمت رکيو ويو. امت آهستي آهستي وڌڻ لڳو. هو جئن وڌو پئي ٿيندو ويو، تئن ويو پئي سهڻو ٿيندو.

ونود جي دلي مرضي هئي ته امت کي هڪ وڏو انجنيئر بڻائيندو. هو امت کي طرح طرح جون وندرون ڪرائيندو هو. امت اڃا ڇهن مهينن جو ٿي

منهنجي ٻيڙي مالا مونکي ڪاليج ۾ داخلا وٺي ڏني ۽ چيو ته "پٽ تون دنيا جي ڪا به پرواهه نه ڪر. دنيا ٻڪندي آهي ٻڪڻ ڏيس، ماڻهن جو ڪم ئي آهي ته دکي ماڻهن کي وڌاڪ دکه ڏئي جيئڻ جنجال ڪرڻ. پر تون پنهنجي ارادي تي محڪم رهي پڙهج ته سڀ ٺيڪ ٿي ويندو." مون من ئي من ۾ پنهنجي پوڄنيه جننيءَ کي نمسڪار ڪيو ۽ پنهنجي ارادي تي پڪو رهڻ جو فيصلو ڪيم.

مان روز ڪاليج وڃڻ لڳس. پر شايد منهنجي قسمت ۾ اڃا به دکه لکيل هئا جو منهنجي پاڙن ۽ پاڇارن کي منهنجو اڳتي رهڻ پسند ڪين پيو ۽ هو هڪ نه ٻئي ڏينهن منهنجي ٻيڙي مالا سان وڙهڻ لڳيون ۽ کيس طعنا هڻڻ لڳيون پر منهنجي مالا منهنجي لاءِ سڀ ڪجهه سهي ويئي، هو زهر کي به امرت ڪري پي ويئي.

ڪجهه پنهنجي ماءُ جي همت ڪجهه منهنجي چاهه سان ڪاليج مان سٺن نمبرن تي ڊگري حاصل ڪئي ۽ نوڪريءَ جي تلاش ۾ لڳي ويس.

آخر ڊڪ ڊوڙ ڪري مونکي هڪ سٺي آفيس ۾ نوڪري ملي وئي. اميت جي وندر لاءِ مون اميت کي هاسٽل ۾ داخل ڪرائي ڇڏيو. ڇو جو منهنجو سڄو

پر مان سڀ ڪجهه صبر سان سهي ويس. سڀ ڪو ڏينهن پورهيو ڪرڻ کان پوءِ به هرڪو مهڻا ڏيندو هو، مونکي ٿوري گهٽي ڳالهه تي طعنا هڻڻ لڳا. جيڪڏهن اميت نه هجي ها ته مان شايد پنهنجو پاڻ آپگهات ڪريان ها. پر اميت جو خيال مونکي روڪي رهيو هو. مان مجبور هئس. منهنجي دل اندر ئي اندر روئندي هئي. پر مان وات مان اُف به نه ڪندي هئس.

ونود جي دلي چاهنا هئي ته هو اميت کي وڏو انجنيئر بڻائيندو. پر مونکي لڳي رهيو هو ته هتي رهي ڪري مان ڪڏهن به ونود جي اڇا پوري ڪري نه سگهندس. هاڻ ته منهنجي زندگيءَ جو صرف هڪ ئي مقصد هو اميت کي پالي وڏو ڪرڻ. پر هتي رهي مان اميت کي پڙهائي نه سگهان ها.

مون من ۾ پڪو پڻ ڪيو، ته مان ونود جي اڇا ضرور پوري ڪندس ۽ مان هڪ ڏينهن اميت کي ڪٺي هميشه جي لاءِ اُتان هلي ويس ۽ وڃي پنهنجي ماءُ جي شرڻ ورتم.

هونئن ته مان هتي ئي رهي اميت کي پڙهايان ها پر اُنهن مون تي اتترا ته الزام لڳايا، اتترا ته طعنا هنيا جو منهنجي صبر جو پيالو ڀرجي پيو ۽ مان مجبور ٿي ڪري گهر ڇڏڻ لاءِ تيار ٿيس.

ته مان دنيا کي جيتي وٺي هئس ۽ منهنجي جيت تي هٿي ۽ دنيا هارائجي وئي هئي. پر ان جيت ۾ به مونکي هار لڳي رهي هئي ڇوجو ونود اسان جي وچ ڪونه هو، نت اميت کي هن وقت ڏسي هو خوشي ۾ پاڳل ٿي وڃي ها.

هاڻي مونکي اميت جي زندگيءَ جو ويچار آيو. مان سوچي رهي هئس ته اميت کي ايئان شادي ڪرائڻي آهي ۽ اها سيني کان وڏي جوابداري هئي مان اميت کان آزاد ٿيڻ ٿي چاهيو ته جيئن جلدي وڃي پنهنجي ونود جي آتما سان ملان.

مون اميت جي لاءِ هڪ نهايت ئي خوبصورت ڇوڪريءَ جي کوج ڪئي ۽ اميت پڻ اهو رشتو قبول ڪيو.

اَڄ اميت جي شادي هئي. مان سمجهي رهي هيس ته جڻ منهنجي ڪلهن تان بار لهي ويو. منهنجي سيني کان وڏي جوابداري پوري ٿي وئي.

پر اڄ مونکي ونود جي ياد بريءَ طرح ستائي رهي هئي. منهنجي دل مان درد ڀريل "آهه" نڪري وئي. مان سوچي رهي هيس ته ڪاش، اڄ ونود زنده هجي ها ته مونکي هيئن اڪيلي سر سيني کي منهن نه ڏيڻو پوي ها.

اوچتو ديوار تي لڳل گهڙيال ٻن جا ٽڪاءَ هڻيا ۽

ڏينهن آفيس ۾ گذرندو هو. اميت کي پٺيان ڪير پڙهائيندو ڪوله هو يا ائين چئجي ته ڪير پڙهائڻ وارو ڪونه هو سو مون انڪري اميت کي هاسٽل ۾ وڌو.

هر مهني مان اميت ڏانهن پئسا موڪليندي هيس. پنهنجو پيٽ ڪٽي به مان پهرن اميت جي هرڪا فرمائش پوري ڪندي هيس، ڏينهن رات هڪ ڪري به مون اميت کي پڙهايو ۽ جڏهن اميت گهڻن سالن جي اڻٿڪ محنت کان پوءِ انجنيرنگ جي ڊگري حاصل ڪئي. تڏهن مان خوشيءَ ۾ ڪپڙن ۾ ٿي نه پيئي ماپان.

منهنجي اکين ۾ خوشيءَ جا آنسون اچي ويا. اميت مونکي پيار مان ڪٽي ڀاڪر پاتو ۽ مون کي چيو ته ”ممي هاڻ تنهنجي ڏکن جا ڏينهن گذري ويا هاڻي مان توکي ڪڏهن به روئڻ نه ڏيندس.“ مونکي پنهنجي اميت تي فخر ٿيڻ لڳو ۽ دل مان خود به خود اهي اکر نڪتا ته ”شل اميت جهڙا پٽ ڀڳوان سڀني کي ڏي“

اميت تمام گهڻي محنت سان پنهنجو هڪ گهر ٺاهيو ۽ پوءِ اسان اُن گهر ۾ اچي رهياسين. مونکي خوشي آ ته رهي هئي ته جيڪڏهن مان دنيا جون ڳالهيون ٻڌي چپ ڪري ويهان ها ته هيئنر اميت ڪجهه به نه بڻجي سگهي ها. پر مان دنيا جي پرواه نه ڪري به اميت جي زندگي ٺاهي. هيئنر مونکي لڳي رهيو هو

پريم - وواھ

ليکڪ: جگديش لڇاڻي

منهنجي پياري آشا،

جڏهن جڏهن تنهنجو خط ايندو آهي ته منهنجي هردي ۾ خوشيءَ جي لهر پيدا ٿي ويندي آهي ۽ من مستيءَ وچان نچڻ شروع ڪندو آهي. شادي تنهنجي سک سان ٿي گذري، تنهن لاءِ مبارڪون هجنئي. تو مون کي پنهنجو پتي ڏيکارڻ لاءِ دهليءَ سڏايو آهي، تنهن لاءِ به شڪريه. پر هن وقت ٻاهر نڪرڻ تي دل اُٿي نه ٿي ٿيم. سچ پڇ اهو ڏينهن مون لاءِ زندگيءَ جو بيحد خوشيءَ وارو ڏينهن ٿيندو، جنهن ڏينهن مان توسان وري ملندس.

آشا، ڪجهه ڏينهن کان مان هڪ عجيب اُلجهن ۾ منجهي پيئي آهيان. دادا مون کان پڇڻ بنا منهنجي شادي طئه ڪري ڇڏي آهي، جنهن مون کي بي انتها بيچين بڻائي ڇڏيو آهي. جنهن کي مون ڪڏهن به ڪونه ڏٺو آهي، ڀلا مان اُن کي پنهنجو جيون ساٿي ڪيئن ٿي بڻائي سگهان؟

مان اوچتو سپني مان سجاڳ ٿيس، ڏٺم ته تصوير سڄي منهنجي آنسن سان خراب ٿي وئي هئي. مون فريم کي پنهنجي آنچل سان اُگهيو ۽ تصوير ٺاهي ٽيبل تي رکيم. اڄ مونکي اُن تصوير ۾ هڪ نئين ڳالهه نظر آئي.

مونکي لڳو ته ونود مونکي پاڻ وٽ ڪوٺي رهيو آهي. اُن جي اکين جي پياس مونکي بيچين ڪرڻ لڳي ۽ مان من ۾ پڪو ڪري گهر کان ٻاهر نڪتس.

منهنجي پيرن ۾ ته ڄڻ پر لڳي ويا ۽ مان پنهنجي ونود جي آتما سان ملڻ لاءِ تکڙو تکڙو قدم کڻندي رات جي ڀيانڪ ڪوهيڙي ۾ گم ٿي ويس.

(هيءَ آکاڻي مون پاڻ لکي آهي ڪٿان نقل ڪيل ڪا نهي)

With best compliments from

Phone 795

MONA

Watch Company

All kinds of Watches, Time Pieces & Clock Repairs

Shop No. 466, Opp Kalyan Bus Stop, Ulhasnagar 4

Specialist in: Electronic Watch

Prop: Amar & Nandlal

۽ مرڻ لاءِ ٻي انتها ٻيڻي، جيون ۾ گڏ رهڻ جي ڪوٺ لاءِ ڪافي نه آهي؟ منهنجو اهو وشواس آهي ته موهن مٺوءَ جو آهي ۽ مٺو صرف موهن جي!

ڇا سچ پچ موهن کي اِن اَڻ ڏٺل، اَڻ سڃاتل پرائيءَ سان جيون ۾ پلئه اٽڪائڻا پوندا؟ جنهن کي موهن ڪڏهن ڏٺو به نه آهي، ڪڏهن سمجهيو نه آهي!

نه...... هرگز نه! ائين هرگز نه ٿيندو. مان اها شادي ڪڏهن ٿيڻ نه ڏيندس.

منهنجي سکي، موهن تنهنجي اڳيان پنهن جي دل کولي رکي آهي. دل گهري ساهيڙي آهين نه، انڪري موهن کي اميد آهي ته هميشه تون وري اڻ ڏٺل، اڻ سڃاتل پرائيءَ سان پلئه اٽڪائڻ لاءِ ڪڏهن نه چوندينءَ.

ڇگو وڏيڪ تنهنجي جواب بعد،
تنهنجي مٺو.

پيارا مٺو،

جڏهن تنهنجو خط مليم، دل باغ و بهار ٿي ويئي. جڏهن کان شادي ڪري مان دهلي آئي آهيان، تنهنجي ياد اڪثر ستائيندي آهي.

مٺو، جيڪا ڪمزوري اڪثر ڪنوارن ڇوڪرين ۾ پيدا ٿيندي آهي، سا تو ۾ به ٿي آهي. مان سمجهان ٿي تون جذبات وهيڻي ٿي پاڻ کي اوڙاه ۾ اُڇلائي

مان توکي اڳ ۾ به لکي چڪي آهيان ته موهن سان منهنجو پريم آهي. مدو صرف موهن جي آهي ۽ موهن جي ئي رهندي. ”مدو موهن بنا اڌوري آهي ۽ اُن کان سواءِ ٻئي ڪنهن سان به شادي نه رچائيندي. آشا، موهن منهنجو پراڻ ٻڌڙي چڪو آهي. اُن کي ڏسندي ئي منهنجي من ۾ سنيهه جي تارا اٿڻ لڳندي آهي. اُن جي ڳالهين مان آتما کي هڪ عجيب آنند ۽ من ۾ هڪ قسم جي مستي پيدا ٿيندي آهي. اُن کان سواءِ مان رهي نه سگهنديس. سکي تو لکيو آهي ”پريم ئي بقا آهي ۽ پريم جي آڌار تي ٽڪندڙ وواهه تي مان وشواس نه ٿي ڪريان.“

پر مان تو سان شامل راءِ نه آهيان. ڇو ته پريم ايشور جي دان آهي. ان آتمائن جو ميلاپ آهي. پريمي پريت جتي ئي سنسار ٽڪيل آهي، ”پريم وواهه جو آڌار آهي ۽ نه وواهه پريم جو.“ پر هو سراسر غلط آهي ڇو ته پريم وواهه جو آڌار ٿي ئي نه ٿو سگهي. پريم ته ان آتمائن جي هڪ ٿي وڃڻ کي چئبو آهي.

آشا، مان ڪجهه ڏينهن کان سوچي رهي آهيان. ڪاش ! موهن ۽ مدوءَ جي جيوت هڪ ٿي وڃي. موهن جهڙو جيون ساٿي پائي پنهنجي ڪهڙي اِستري پاڻ کي خوش نصيب نه سمجهندي؟ ڇا اِهي پريت جا مڌر گيت

ڪي اسين پريم سمجهندا آهيون، يا شاديءَ کان پوءِ جي ڳالهہ آهي.

موهن سان تنهنجو پريم آهي. تون ڪيس دل وجان سان چاهين ٿي. پر اهو ياد رکہ تہ جڏهن ڪي پرامي پيار جي شادي رچائن ٿا تہ روپ جي خمـــار ۾ سندن نظر اوڻاين ڏانهن بنهہ ڪين ويندي آهي ۽ پوءِ جڏهن روپ جو خمار لهي ويندو آهي، تڏهن ڪين هڪ وڏي مسئلي ڪي منهن ڏيڻو پوندو آهي. بعضي جڏهن دلچسپي گهٽجي ويندي آهي، تـــڏهن منيپد پنهنجا ڪر موڙي اٿندا آهن.

جني پرامي صرف روپ کان متاثر ٿين ٿا، اُني سندن مائٽ برابر جو خاندان، ضروري ڳڻن ۽ ٻين ڪيترين ڳالهين جي جاچ ڪندا آهن. جيڪي زندگيءَ ڪي سکي رکڻ لاءِ بنهہ ضروري آهن.

مثلو، ڪيترئون ئي ڳالهيون ٻڌڻ ۾ ڏاڍيون مزيدار لڳنديون آهن، پر وهنوار ۾ اهي اوترئون ئي رس هيڻ هونديون آهن اهڙي هڪ ڳالهہ آهي پريم-وواهہ.

ان جڳن جو پيار ٿيندو آهي، اهـــي-ويو ر ٿي ويندا آهن، سڀ ڪجهہ ڀاڄي ويندا آهن ۽ پوءِ سڀ ڪجهہ ڇڏي، سڀ ڪجهہ لٽائي شادي رچـائيندا آهن. بس پوءِ اُتان تـــي پريشاني شروع ٿي ويندي

رهي آهين. تون پنهنجي مرضيءَ موجب لائون لڳڻ ٿي چاهين پر مون کي ڊپ آهي ته ڪٿي پڇتائڻو نه پوي ٿي. ڇو ته پيار ۾ انسان انڌو ٿي ويندو آهي. اُمنگن جي اڏامن ٿي هو اُڀرا قدم کڻڻ شروع ڪندو آهي. ان ڪري ڪيس پوءِ پڇتائڻو پوندو آهي. پيار ڪرڻ ته نهايت ئي سولو آهي پر نباهڻ نهايت اوکو !

تو لکيو آهي، ”پريم ايشور جي ڏات آهي...“ مان اهو مڃان ٿي ته پريم ايشور جي ڏات آهي، پر اهڙيءَ طرح جيئن نفرت، ڪروڌ ۽ دَيا وغيره ڀاونائون ايشور جي ڏات آهن.

مٿو تون آدرشوادڻ آهين، جذباتڻ آهين. پر مان جذباتڻ نه آهيان، مان سنسار کي سنسار کان مٿي بيهي ڏسڻ ۾ وشواس نه ٿي ڪريان. ”پريم لئي ئي سنسار ٽڪيل آهي، پريم انادي آهي، اننت آهي ...“ پريم، جيئن اسين ڪيس ڄاڻندا آهيون، ٻن شخصن جي هڪ ٻي وچ جو نالو آهي. اسين سڀ جيون جي سک ڏک کي ونڊڻ چاهيندا آهيون، ڇو ته ڏک سک اڪيلو ڀوڳڻ ناممڪن آهي.

اهو ئي سبب آهي جو اسين پنهنجي جيون ۾ هڪ ساٿيءَ جي ضرورت محسوس ڪندا آهيون. ان ڪري استري پرش ۾ پريم ٿيڻ سڀاوڪ آهي. پر جنهن

سکيه ٻُڌي ويندي.

منهنجي مٽو، مان سمجهان ٿي ته تون جذبن جي لهرن ۾ لڙهندي هڪ اونداهي پوشيه ڏانهن وک وڌائي رهي آهين. ان ڪري تون پنهنجي اڳيري قدم کي روڪ. هڪ دفعو وري سوچ ڪر پوءِ فيصلي لاءِ قدم کڻ. جو نه موٽڪي ڊپ آهي ته ڪٿي ٺڪ نه کائي ويهين.

تنهنجو چوڻ آهي، ”جنهن شخص کي مون ڏٺو به ڪونهي، ان سان ڪيئن ٿي زندگيءَ ڀر لاءِ پلءُ اٽڪائي سگهان.“ پر مون به ته هنن کي ڪين ڏٺو هو. ان هوندي به اسان جي زندگي ڪيتري نه پريم سان ڀرپور آهي.

مان سمجهان ٿي، منهنجو خط پڙهي توکي غصو لڳي ويندو. شايد ٻه چار سخن ٻه ڳالهائي ڪڍين....... مان توکي ڀيو ڇا لکان؟ تون خود سياڻي آهين. تون خود سوچ ۽ پتا جي آڳيا جو پالن ڪر.

تنهنجي، پنهنجي ئي
آشا

پيارا آشا،

تنهنجو خط پڙهي بيحد ڏک ٿيو. تون ـــ تون

آهي. ڇو تہ شاديءَ بعد پرش جلد ئي پرڻيءَ مان پٺي ڍاپجي ويندو آهي، پر اڪثر استري، پرش کان سولائيءَ سان پتني ڍاپجي نہ سگھندي آهي. پريم جي ڌارا آهي!

”سڀ ڪجھ ڇڏي ڏيو، سڀ ڪجھ توڙي ڇڏيو“ پريم واھ جي ڌارا آهي: ”سڀني کي ساٿ ڏيو. سڀني کي همت ڏيو. بس اُنهيءَ ئي ڀيد مان جهيڙي جي جڙ پيدا ٿيندي آهي ۽ انهي جي جيون زهر بڻجي ويندي آهي. ۽ پوءِ پريم-واھ ڦڪو لڳندو آهي، ناڪام ٿي ويندو آهي.......

مٿو، پريم - واھ جي ناڪاميءَ سببان ڪيترن پنهنجو انت آندو آهي ۽ ڪن وري اهو ڪيئن ٿي چوڻ تہ هو ضرور توسان نباهيندو. تون اڄڪالھ جي نوجوانن کي ڪين سڃاڻين. هو پيار هڪ سان ڪندا آهن، انجام ٻيءَ سان ۽ شادي وري ٽئين سان رچائيندا آهن.

تون پنهنجي دادا تي وشواس رک. هو ڪڏهن بہ تنهنجو نقصان نہ چاهيندو. ڇو تہ هو تنهنجو پتا آهي ۽ پريم تہ پوءِ جي ڳالھ آهي. جڏهن توهين هڪ ٻئي جي ٻندڻن ۾ ٻڌجي ويندا، توهان جا وچار هڪ ٿي ويندا، جيون ڌارائون ملي وينديون تہ توهانجي زندگي

بيقراري. ڇڻ ٿي نه ٿو اچيم. توکي ڪيئن بيان ڪري
ٻڌايان ته جدائيءَ جون گهڙيون ڪيتريون آزارائتيون ٿينديون
آهن. اڄ سندس خط آيو آهي. هر هر پيئي خط پڙهان
۽ پڙهي اکين سان پيئي لڳايان.

مان تو ڏانهن سندس خط منجهان ئي حوالو ڏيئي
ٿي موڪليان جنهن مان ٿي تون اندازو لڳائي سگهندينءَ
ته هو مون کي ڪيترو نه پيار ٿو ڪري، لکيو اٿس....

”منهنجي مٺو، تو کان الڳ ٿي هڪ ڏينهن به
ڇڻ سان نه گذاري سگهيو آهيان. جڏهن جڏهن اڪيلائي
ستائيندي آهي، تڏهن تنهنجي تصوير ڪڍي ساڻس ٻه
چار ڳالهيون ڪندو آهيان. ڪجهه وقت لاءِ مون کي ٺري
ويندو آهي ليڪن تڏهن به هيءَ بيجان تصوير تنهنجو
پورائو ڪٿي ٿي ڪري سگهي!

توکي به ضرور منهنجي ياد ايندي هوندي، اهو
به وشواس اٿم. ليڪن مجبور آهيان. ڇا ڪريان. معاملو
ئي ڪجهه اهڙو آهي جو اتري دير لڳي ويئي اٿم.
ڪو به فڪر نه ڪج. مان هتان جلد به جلد روانو ٿيڻ
جي ڪوشش ڪندس.

صرف تنهنجو ئي موهن،

ڪيئن آشا، هينئر ٻڌاءِ، اڃا به توکي سندس پيار
جي سچائيءَ جي پڪ نه ٿي اچي؟ مان سمجهان ٿي،
اوس ٿي هوندءِ.

زماني جي هوندي به پراڻا وڇار رکي ويٺي آهين. بيحد عجب جي ڳالهه آهي.

ڪاش! تنهنجو ڪنهن سان پيار ٿي وڃي ها ۽ پوءِ ئي تون سمجهي سگهين ها ته پيار ڇا آهي. مٿوءَ جي من مندر ۾ جڏهن موهن جي صورت استاپن ٿي چڪي آهي، پوءِ ڀلا هوءَ ڪيئن ٿي اُن ٻئي کي جڳهه ڏئي سگهي؟

توکي موهن جي پيار ۾ شڪ آهي، پر اهو سراسر تنهنجي ڀل آهي. مون موهن کي چڱيءَ طرح سمجهيو آهي. منهنجو موهن ٻين وانگر ڪينهي. سکي، مون کي پڪ آهي ته جيڪڏهن تون به موهن کي هڪ وار ڏسين ته شايد مٿس هرڪه هاري ويهين.

تو لکيو آهي ته ”جـاهن به ڪي پيار ڪندا آهن ۽ پيار کي شاديءَ جو روپ ڏيندا آهن. نه هو روپ جي خمار ۾ دوکو کائي ويهندا آهن......“ پر انهن ٿورو ئي آهي ته سڀ غلطي ڪندا آهن. مون ڪيس باريڪيءَ سان جاچيو آهي. تنهن ڪري تون اهو وهم من مان ڪڍي ڇڏ ته پريم-وواهه بلڪل ناڪامياب ٿي وڃي.

هفتي کان موهن ڪلڪتي ويل آهي. منهنجي دل اُن کان سواءِ ڪجهه اداس ٿي رهي. ڪجهه سندس انتظاري آهي ۽ ڪجهه سندس جدائيءَ جــي

اُلٽو ٻڌائي ڇڏيندو آهي نه ! پوءِ جي مون سان پڻ ڪوهي ڪٽيءَ مٿس وشواس ڪيو نه ڇا ٿيو.

منهنجي سکي، اڄ تنهنجو لکيل هر جملو اکين اڳيان ڦري رهيو آهي. تنهنجي هر لفظ اڳيان مان سر جهڪائي رهي آهيان. مون کي افسوس آهي جو مون تو جهڙي سکيءَ جي واعدن جو قدر نه ڪيو. خير، معافي وغيره پوءِ به پئي وٺندسانءِ هينئر اڳتي ٻڌ نه ڪيئن موهن منهنجي ارمانن مٿان پاڻي ڦيري ڇڏيو. منهنجي هر آرزو جلائي خاڪ ڪري ڇڏي ! هاءِ...... ڪيترو نه ڀيانڪر دوکو !.

مان پليٽفارم تي بيهي گاڏيءَ جو انتظار ڪري رهي هيس دل ۾ اُمنگن جي دنيا ڇوليون ماري رهي هئي. منهنجو موهن جو اچڻو هو اُن گاڏيءَ ۾ ! بس.

ڏسندي ڏسندي گاڏي به اچي وئي. مان اُٿي موچان چوطرف نهارڻ لڳس. منهنجي نگاهن موهن کي نه ڏولهي لٿو، ليڪن ڪڏهن آرام ڪين آيو، سندن پياس ڪين بجهي، مگر منجهن غمي جو ساگر اُڇلي پيو. موهن سان گڏ هڪ ٻي نوجوان استري هئي. مان پاڻ لڪائي پاسيري ٿي بيهي رهيس. ڏٺم نه هو ٻئي، ”رفرلشمينٽ“ روم ڏانهن وڌيا.

مان سندن پنيان ڌيسيل قدمن سان ٿڙڪندڙ دل

اُميد اٿم ته اهڙي رفيق جي ساٿ ڇڏڻ جي صلاح مون کي نه ڏيندين، ڇاڪاڻ ته منهنجي سکي آهين. تنهنجي همدردي ته مون سان اي هميشه گهرجي ؛ نه دادا سان.......

تنهنجي مدد

پرنه سکي، آشا،

هي خط توکي جلد اي لکي رهي آهيان عجب نه ضرور لڳندءِ ليڪن بيحد عجب ته تڏهن لڳندءِ جڏهن منهنجي ارادي کي پڙهندين. چڱو ٻڌ، مان تنهنجي اصول سان شامل آهيان. مان شادي دادا جي چوڻ موجب ڪندس.

آشا، منهنجا ارادا اهڙو جلد ڪيئن بدلجي ويا، ان لاءِ ڪجهه هڪ زوردار سبب آهي، جو ڪجهه هيٺين رات آهي.

مان هينئر ئي اسٽيشن تان موٽي آئي آهيان. موهن کي وٺڻ لاءِ وئي هئس. ڪيئن اڌاڻءِ ته دل ۾ ڪهڙا ارمان کڻي وئي هئس ؛ موٽي آهيان ڪيئن بري طرح گهايل ٿي.

آشا، جڏهن مان تنهنجو راهو شروعات ۾ ئي مڃان ها ته شايد اڄ اهڙو ندورو ڏينهن ڏسڻو نه پوي ها. پر منهنجو به ڪهڙو ڏوهه؟ پرلم جو هي سو ته انسان کي

هڪ ستم ڪٿا

"شهيد هيمون ڪالاڻي"

(پروفيسر ايف. ايس نارواڻي)

Head of Geog Depot

هڪ: سپاٽي انگريزي پلٽڻ جي اسپيشل گاڏي اچي رهي آهي.

ٻيو: پوءِ؟

هڪ: پوءِ ڇا! هن موقعي جو فائدو وٺڻ کپي. ملڪ ۾ چوڌاري باهه ٻري رهي آهي، سرڪار انقلاب کي دٻائڻ لاءِ پنهنجي اليچار جو گهوڙو تيز ڪري رهي آهي.

ٻيو: هيمون هي سڀ ٺيڪ آهي. اسان پر ڪرڻو ڇا آهي؟

هڪ: ڪنهن نه نموني هن گاڏيءَ کي ڪيرائڻو آهي ۽ "سر جو جواب پٿر سان ڏيڻ" اسانکي نه ايندو آهي.

سنه ١٩٤٢ع جو "ڀارت ڇڏيو" آندولن زورن تي هو ۽ ملڪ جي هڪ هڪ ماڻهوءَ جي دل آزاديءَ لاءِ ٻرندڙ جبل وانگر ٽانئي رهي هئي. انگريز سرڪار اليچار، سختيون ۽ عذاب ڏيڻ وڌائي ڇڏيون هيون. انهيءَ

ڪٽي وڌي رهي هئس ۽ اُنهن ئي مُنهنجي ڪنن ۾ موهن جا هيٺيان لفظ گسي ويا:

”شوبا، محبت ۾ اهـــي ماڻا وري ڇاجا. هينئر جي انڪار شروع ڪيئه تـــه شاديءَ بعد وري ڪيئن محبت رکندينءَ. ڇو، ڇو گهٽا پـــئسا ڪپڻي؟“ ۽ موهن ٻئون ڪيڏي نوٽ ڳڻڻ شروع ڪيا.

بس حد ٿي وئي. مان وڌيڪ دل جهلي نه سگهيس لنهن هوندي به دل تي پٿر رکي واپس موٽيس ۽ گهر اچي وهاڻي کي آلو ڪرڻ شروع ڪيم.

آشا، پيرڻ، بيحد خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته وري به اها آهي جو مان زندگيءَ کي اوڙاهه ۾ اُڇلائڻ کان بچي وئي آهيان.

هڪ دفعو وري به تو کان معافي ٿي وٺان. آشا بڌاءِ ڪندينءَ نه معاف؟....

تنهنجي، مِنو،

بنا ڪنهن ڊپ ۽ سنڪوچ جي پاڻ کي پوليس جي حوالي ڪري ڇڏيو.

هيمون کي بچائڻ لاءِ ملڪ جي نيتائن ۽ مشهور وڪيلن انگريز سرڪار کي اپيل ڪئي پر ڪجهه نه وريو ۽ هيمون لاءِ ڦاسيءَ جي سزا ڏني وئي.

ڦاسيءَ جي سزا ٻڌڻ ڪانپوءِ به هيمون جهڙي مکه جي مشڪ انگريز آفيسرن جي دلين کي جلائي رهي هئي. انگريز سرڪار چاهي پئي ته هيءُ ڇوڪرو معافي وٺي ۽ پنهنجي ساٿين جا نالا ٻڌائي (جنهن لاءِ هن کي گهڻا ايذاء ڏنا ويا هئا). پر جنهن جي خون جي بوند بوند ۾ ديش ڀڳتيءَ ۽ ملڪ جي آزاديءَ جي ڇاپ هجي اهو معافي ڪيئن وٺندو ۽ ڪيئن پنهنجي ساٿين جا نالا ٻڌائيندو. سرڳواسي شري جمشيد مهتا پاڻ ڦاسيءَ جي سزا کي بدلائڻ لاءِ انگريز آفيسرن سان مليو پر هيمون جي موت کي ڏڪائڻ وارو ضد ۽ ساهس قائم رهيو ۽ پنهنجي جان وڃائڻ بهتر سمجهي. انڪري سڀني جون ڪوششون ناڪامياب ويون.

هيءَ واردات سنڌ پرديش ۾ "مارشل لا" وقت جي آهي. انڪري انگريز سرڪار مهتا صاحب جهڙي پرارٿنا کي ٺڪرائي ڇڏيو.

هيمون پاڻ اپيل جي برخلاف هو. موت جي سزا ٻڌڻ ڪانپوءِ به هيمون جي خوشي ۽ هنجي مشڪ ڏسڻ

وقت سکر شهر (سنڌ-پاڪستان) ۾ هيمون پنهنجن ڪن خاص سائين کي وٺي ”سکر بسڪيٽ مئنيو فئڪچر ڪارخاني“ جي ڀرسان واري ريل پٽن جون ”فش پليٽس“ ڪيرڻ لڳو.

اسٽيشن ماسٽر ”لائين ڪليئر“ جو سرٽيفڪيٽ انجڻ ڊرائيور کي ڏيئي ڇڏيو هو. سگنل ڊائون ٿيو ۽ گارڊ سائي جهنڊي ڏيکاري سيٽي وڄائي. انجڻ به جواب ۾ سيٽي وڄائي هلڻ شروع ڪيو. ٿورن ئي سيڪنڊن ۾ زور سان ڌوڏو آيو ۽ گاڏي ڀڄي ويئي. ٻاهر سگنل مٿي ئي چڙهيو هو. گاڏيءَ ۾ ويٺل گورا سپاهي اچرج ۾ پئجي ويا. دريءَ کان ٻاهر ڏسڻ لڳا ته ڪي سپاهي ”فش پليٽ“ ڪيندڙ جوانن کي پڪڙڻ لاءِ ڊوڙي رهيا هئا.

جوان ڊڪيا، هڪ کي ڇڏي ڪري ٻين جو پتو نه پيو ته ڪٿي لڪي پيا. اهو جوان مشڪي رهيو هو. اهو همت وارو ۽ نڊر جوان هو. هو ڪڏهن به دشمن کي پٺي ڏيکارڻ سکيو ئي نه هو. سائين آواز ڏنو ته ”هيمون ڀڄ پيارا جلدي ڀڄ. اڃان به موقعو آهي“ پر ڀڄي ڪير؟ ڀڄي اهو جنهن کي موت جو ڊپ هجي يا جنهن ٽيپ ڦاسيءَ کان ڏڪندو هجي، سچا ديش ڀڳت ۽ سر تريءَ تي کڻندڙ ڀلا ڪيئن ڀڄندا. بهادر هيمونءَ

جي اکين مان نير وهائڻ لاءِ مجبور ڪري ڇڏيو ۽ هوءَ
پنهنجن ڳوڙهن کي لڪائڻ ۾ اسمرٿ رهيا. انگريز
آفيسر سڀ ڪجهه ڏسي به سانت رهيا پر انهن جي
چهري مان ظاهر هو ته هو اندر ئي اندر ۾ ڏڪي هئا.

"ڀارت ماتا جي جئه" آڪاش ۾ گونجي وئي.
۽ پوءِ فضا ۾ هڪدم سناٽو ڇانئجي ويو. اُن گهڙيءَ
جي ماتم لاءِ، جنهن گهڙيءَ لاءِ هيمونءَ کي ناز هو ۽
انتظار هو.

"ڀارت ماتا جي جئه" جي نعري کان پوءِ جلاد
کي هڪ طرف ڪري هيمون ڦاسيءَ جي تختي
تي بيٺو. هن جي اَدڀت ساهس کي ڏسي جلاد به
دنگ رهجي ويو. اُن جي پٿر دل به ٻين ڏسندڙن
وانگر، هن ڇوڪري کي ڏسي جنهن کي اڃان مڇن
جي ريکا به نه آئي هئي، رجي وئي.

بس اها گهڙي هلي وئي، ڀارت ماتا جي آتما
هلي وئي، جلاد، انگريز ۽ هندستاني آفيسرن جي
چمڪ هلي وئي. ڏسندڙ ماڻهن جي رونق هلي وئي.
سکر جي جان هلي وئي، سنڌ جي جان هلي وئي
اسان جو هيمون هليو ويو.

اهو ڏينهن سکر شهر لاءِ وڏي ماتم جو ڏينهن هو
ورو ۽ ڪروڙ ۾ سڄي ڀارت ۾ هڙتال ڪئي وئي
سنڌو نديءَ جون لهرون به غصي ۾ گرجي رهيون هيون،

وارن دلين کي موهي ڇڏيو هو. خود فيصلو ڏيندڙ وائڙا
ٿي ويا ۽ دل ئي دل ۾ هن جوان کي ساراهڻ لڳا.

هيمون ڀارت جي آزادي پنهنجي اکين سان ڏسي
نه سگهيو. اِها ئي ڳالهه هنکي ڏکوئي رهي هئي. پر
قرباني رنگ لائيندي ۽ هڪ هيمونءَ جي مرڻ سان گهڻا
ئي هيمون پيدا ٿيندا ۽ ڀارت ضرور آزاد ٿيندو اِهو
هيمونءَ جو وشواس هو. پنهنجي قرباني ڏيئي ڀارت
ماتا جي ڪيترن ئي سپوتن کي جاڳائڻ چاهي پيو. اُن
کي پنهنجي فرض اَدائيءَ تي ناز هو پنهنجي قربانيءَ
جي اِڇا جي پورتي ڏسي هو ڏاڍو خوش هو.

٢١ جنوريءَ جو ڏينهن ڦاسيءَ لاءِ مقرر ڪيو ويو
سندس مک تي ڦڪڙو ڪونه آيو. اُها ئي چمڪ، اُهائي
مشڪ ۽ اُهو ئي رنگ هو. ڪاش! اُنجي دل کي
ڪيي ڏسـو وڃي ها ته پڪ ئي پڪ دل جو وڏيل
وزن ڏسي اَنگريز سرڪار عجب ۾ پئجي وڃي ها.

هيمونءَ کان آخري اِڇا لاءِ پڇيو ويو. هيمونءَ
جي وس ۾ آتما اها اِڇا ظاهر ڪئي ته مان اُن ماءُ جي
"جئه" چوان جنهنکي مان آزاد نه ڪرائي سگهيس.
آگيا ڏني وئي. شير هيمونءَ زور سان گرجندا
ڪري چيو "ڀارت ماتا کي جئه". هنن آکرن ٻڌڻ وارن
جي دلين کي ڌوڏي ڇڏيو. ڪئي هندستاني آفيسرن

"پارتنبه ناري"

مهرچند اڏي مهتا (ايس.واء. بي. ڪام)

ڏاڏاءِ آدم ۽ بيبي هوا کي جڏهن سرڳ مان نڪالي ڇڏي ويئي تڏهن اُنهن ڌرتيءَ تي اچي اِنسان پيدا ڪيا اُنهن جو روپ هو هڪ اِستري ۽ پُرش.

اُهي اِنسان هيءَ دنيا وڌائيندا ويا. قدرت لاءِ ٻئي هڪ سمان آهن. قدرت ٻنهي جو ڪاٽو هڪ جهڙو رکيو. کين هڪ جهڙا حق بخشيا، پر اِنسان ذات اُنهن ۾ ويڇا پيدا ڪيا آهن، هڪ سال نه، سؤ سال نه، هزارن سال گذري ويا آهن پر اِستريءَ جو درجو پُرش کان هميشه گهٽ رهيو آهي.

اِتهاس شاهد آهي ته پانڊون دروپديءَ کي پياري راند ۾ داءُ تي لڳايو هو پر اُها ئي دروپدي ساڻن گڏ ١٣ سال بنواس ويئي! اِها آهي پتنيءَ جي پتيءَ ۾ شردا.

اِها نه ڪي صديون اڳ جي ڳالهه پر اَڄ به راجستان جي ڪن ڳوٺن ۾ ڪيترا مرد پنهنجن زالن کي گروي رکندا آهن، پنهنجي وڏن قرض سبب، وري قرض چڪائي واپس وٺي ايندا آهن. قرض چڪائڻ تائين اُهي اُن شاهوڪار جي ملڪيت هوندي آهي، جهڙن ته اُن ڪسان ڪم وٺي.

اُن وڻ لاءِ جنهنجي پوڙ جل ۾ ١٩ سالن جي هجڻون
ڪالاڪي ۽ ايمس دائون پل تان ڏهو ڏٺي ڏرڻ جون دانائون
ڪٿيون هيون.

— جڳ هند —

With best compliments from

Phone 261

NANIKSHAH PLASTIC INDUSTRIES

MANUFACTURERS:

Hair dips & Bobby Pins Available here

Address: Opp Bk. 1584, Sec: 27, Ulhasnagar-4.

Prop: Kishin K. Ramrakhyani

Hello Brilliant! Have you Meet

Shanker Book Depot

Shop No. 138, Main Bazar, ULHASNAGAR 421 004

Discount on College Books & Guides

XI XII F.Y. S.Y. & T.Y.

All kinds of Note Books, Stationery, Science, Drawing, Art. Scouting, Games Sports Material Available Here

PEN – BALL PEN & Dictionaries also

آهي جنهن جا ٻه ڦيٿا آهن استري ۽ پرش، ٻنهي جي ڪري دنيا هلي ٿي، دنيا جو وجود آهي.

جيڪڏهن پرڌان منتري ”اندرا گانڌيءَ“ لاءِ چيو وڃي ته سندس راڄنيتيءَ ۾ گهڙڻ ۽ منتري ٿيڻ جو شرف سندس پتا ”پنڊت جواهرلعل نهروءَ“کي آهي جنهنڪري هوءَ وڏي عهدي تي آهي. پر انگلنڊ جي پرڌان منتري مارگريٽ ٿئچر جو پيءُ ۽ مڙس ته پساري هئا، اها ڪيئن وڏي؟ شري لنڪا جي اڳوڻي پرڌان منتري ”ڀنڊار نائڪ“ ڪيئن وڌي، پنهنجي عقل ۽ اوچائيءَ سان. اسرائيل جي پريزيڊنٽ ”گولڊا ميئر“ ٨٠ سالن تائين پنهنجو راڄ ڪاروبار هلايو.

اڄ ڪالهه راڄنيتي ۾ ته ٺهيو پر جيون جي هر کيتر ۾ عورت گهڙي وئي آهي. پر ٿوري انداز ۾ مرد ذات جو استريءَ ذات مٿان ضابطو هئڻ، کيس پورا حق نه ڏيڻ ۽ پنهنجي طاقت جو پورو فائدو وٺڻ آهي.

اڄ استريون پوليس ۾ به آهن ته هوائي جهازن ۾ ائيرهوسٽيس به آهن. پر اهو ته ٺهيو آمريڪا ائير لائينس وارن ته ڇوڪرين کي پائلٽ به ڪري رکيو آهي. جيڪڏهن هڪ استري هوائي جهاز هلائي سگهي ٿي ته باقي ڪهڙي گهٽتائي آهي استريءَ ۾ !

ويجهو اولهه جرمنيءَ جي سرڪار هڪ سروي

ممتاز محل بادشاھ شاھجان کي ايترو تہ پيار ڏنو
جو سندس مرڻ ٿي (انتقال) شاھجان سندس يادگيريءَ
۾ جڳ پرسد تاجمحل اَڏايو.

سيتا مائا پنھنجي پتيءَ رام سان ١٤ سال بنواس
ورتي. اُن کي ئي رام پنھنجي گھر مان نيڪالي ڏني،
ڪن ٿورن ماڻھن جي چوڻ ڪري. اِھو ڏيکاري ٿو تہ
مرد استرين سان ڪيئن ظلم ڪندا رھيا آھن.

ساوتري پنھنجي پتار "ستيوان" جي جان ڇا يمراج
کان ڪونہ بچائي ھئي؟

اسلام ۾ ٽن ٽن شادين جي. اجازت مليل آھن. اسلام
جو پايو وجھندڙ بہ ھڪ مرد ھو. ھو صرف چاھي رھيو
ھو تہ سندس اسلام وڌي، گھڻيون شاديون مطلب گھڻا ٻار
ٿيڻ جو امڪان، گھڻا ٻار مطلب گھڻا پوئلڳ، پر ھُن عورتن
سوچيو؟ ٽن ٽن زالن کي سندس مڙس پوري خوراڪ
بہ پھچائي سگھندا يا نہ ؟ گھڻيون زالون ھئڻ سبب گھر
ٻار گھڻا پر پالڻ وارو ھڪ. ڇا ھو چڱيءَ طرح پالي
سگھندو؟ بلڪل نہ. مصيبت تہ استرين مٿان ئي پوندي آھي.
(U.N.O) United Naitional Organlsation وارن
١٩٧٦ع سال کي "International Women year"،
"انتر راشٽريہ عورت سال" مقرر ڪيو ھو تہ استرين کي
پورا حق ملن ۽ استرين جي عزت وڌي پر ڪجھ بہ
فرق ڪونہ پيو. جيتوڻيڪ ھيءَ سماج ھڪ اُھا گاڏي

لڙندا رهن.

جيڪڏهن هڪ مرد جنهن جي جي زال مري وڃي اهو شادي ڪري سگهي ٿو مگر هڪ وڌوا ڇو نه جنهن جو مرد مري وڃي؟ اها ڪٿان جو دستور آهي؟

استري ذات کي ماءُ ۽ ڀيڻ جي روپ ۾ ڏسڻ وقت جيڪو پيار ملي ٿو اُن جي ڪلپنا اُهي ڇا ڪندا جيڪي اُن پيار کان محروم هوندا!

جيڪڏهن هن سماج کي پاڪ ۽ پوتر بڻائڻو آهي ته استري ذات کي پورا حق ڏيڻا پوندا ن. ته هيءَ اَشانتي ڪونه ويندي. اُها جالـي ڪرڻل رهندي جنهن ناريءَ جو قدر ڪونه سڃاتو آهي. اتهاس شاهد آهي.

Visit! Visit!!! Visit!!!

Ring 2523

Reserve your 50% Marks
Always Step in Famous Shops

KESHI
BOOK DEPOT

Main Bazar, ULHASNAGAR—421004

Stationary Mart & Sports Material Supplier,

Available all College booke & Guides in different authors with hand full discount.

ڪرائي ته ٽائيپ ۾ هوشيار گهڻو هوندا آهن مرد يا استريون. نتيجو نڪتو "استريون"، البت، مرد مزوريءَ ۾ هوشيار هوندا آهن. ڇو جو قدرت استرين کي ڪومل بڻايو آهي. استري ته پيار ۽ ڪوملتا جي ديوي هوندي آهي.

ڀارت جي پارليامينٽ ۾ ۵۴۲ ميمبرن مان ۲۵ ميمبر استريون آهن. ان مان ظاهر آهي ته عورتون راجنيتي ۾ به ڀاڱو وٺن ٿيون.

راجپوتن جون زالون پنهنجي مڙس سان ستيون ٿينديون هيون پر اڄ ٽائين اهڙو ڪو مڙد پيدا ٿيو آهي جيڪو پنهنجي زال جي مرڻ تي ان سان گڏ باهه ۾ سڙيو هجي.

جنهن سماج کي عورت ذات پيدا ڪندي رهي آهي، ان سماج جي مالڪن کيس ونشيا بڻايو آهي. ونشيا ورتي ڇا اڄ جو فيشن آهي، نه اهو راجائن ۽ زميندارن کان هلندو ٿو اچي ۽ شايد هلندو رهندو.

جيڪڏهين عورت ذات کي ساڳيا حق نه مليا ته جهانسيءَ جي راڻيءَ جهڙيون واسر عورتون پيدا ٿينديون.

پوءِ بيشڪ هجي نيپال، هر هنڌ حق لاءِ

With Compliments from

Tel: Shop 313393—250909 Resi: 179

Sugnomal Pahlomal

(Bleached Long Cloth Specialists)

21—22 Madhavji Market, 113—115 Old
Hanuman Lane BOMBAY—400 002

With best compliments from

Phone: Shop 1351
Resi: 179

Vijay Matching House

20, Gajanand Market, ULHASNAGAR—2

Specialists in: All Matchiag Varieties, School Uniforms & Whole Sale Saree falls.

With best compliments from

SHANKAR S. WADHWA

Tel: 1540 Rsi: 1317

M/S MURLIDHAR & CO.

Shop No: 155, Main Bazar

Ulhasnagar—421005

Tel No. 259908 Resi: 1317

Rajesh Trading Co.

326, G. Old Post Office Lane, Mangaldas Market

BOMBAY—400 002

Tel: 259908 Resi 1314

Manohar Trading Co.

147, Gaiwadi Sadan, Ist Floor, Room 35,

Kalbadevi Road. BOMBAY—400 002

With Compliments from

Phone: Office 181—Resi: 1314

M/s. Kakandas Ashok Kumar & Co.

AN. I.V.P. Agent

Stockist: All kinds of Edible oils

122. Siru Chowk, Ulhasnagar—2
758, Netaji Road Ulhasnagar—4
288-A, Shiv Road, Ulhasnagar—1

With best compliments from:

With Compliments from

Tel: 298194–295651

Thakurdas Tulsidas & Co.

MANGHWANI TRADERS

159, Radhagalli, Swadeshi Market,

Kalbadevi Road, BOMBAY—400 002

Tel; 312163

Naval Sons Corporation

65, Chikhal Galli, M. J. Market,

BOMBAY—400002

With best compliments from:

Neelkamal Trading Corporation

Phone: 367 Resi 2426

Kamal Traders

Govt Shop 75, Near Nehru Chowk,
Ulhasnagar-421 002.

Dealers in: Crompton Electric Motors & Pumping Sets
Embroidery & Overlock Machines,

CLUTCH CONTROLS

302. Commerce House, Fort, Bombay

Phone 374 Resi 921—2426

Kamal Embroidery Works

894, Main Bazar, Ulhasnagar 421 002

Phone 966 Resi 921—2426

M. Kamal Mill Stores

80, Main Bazar, Ulhasnagar-421 002

Phone 1341 Resi 912—2426

Kamal Eng. Co.

Govt. Shop 74, Ulhasnagar—421 002

Phone 1344 Resi 2426—921

A. S. K. TRANSPORT SERVICE

3, Parsaram Market, Ulhasnagar-2

Phone 299489 Resi 2426—921

KAMAL KALA NIKETAN

147, Gaiwadi, BOMBAY-2

With best compliments from

Phone: 595649

Monic Restaurant

Near Malhar Cinema (THANE)

D. T. KALANI

With best compliments from

C. H. M. College Canteen

All kinds of:

South Indian Dishes Served.

Prop K. Ramanna

With Compliments from

Tel No. 2797

SHRIRAM TALKIES

Pawi Chowk, ULHASNAGAR

S.D.B.B. Chemicals (India)

Section 17, ULHASNAGAR—421003

Tel No. 1052 Bombay 339650

With Compliments from

Phones: Shop 1209 Resi. 1475

House of Satisfaction:

RK TAILORS

Shop No. 215, ULHASNAGAR—2

(TUESDAY CLOSED)

With Compliments from

M/s Girdhar Construction Co.

Shop No. 779, Section 17

ULHASNAGAR—3:

Phone: 559

With Compliments from

M/s. Samrat Enterprises

KALANI MAHAL

Plot No. 272, ULHASNAGAR—421002

Tel: No. 185, 1076. 1077, 1255, 2336

جي جيئڻ چاهين جڳت ۾ جيءُ ٻين جي واسطي،
باغ ۾ جئن ٿي رهي بلبل چمن جي واسطي.

پرسرام "ضيا"

With Compliments from

Phone: Bombay Shop: 294046 Factory: 1172

Hari Kala Kendra

Specialist in:

EXPORT EMBROIDERY

Factory: Artwani Niwas Opp. Aman Theatre

ULHASNAGAR—421003.

With Compliments from

Rajesh Biscuits Products

Near VITHALWADI STATION,

ULHASNAGAR—421003.

With best compliments from

Once Visit . Tel: 2192

KISHIN

Saree Center

(Air Conditioned)

Upstairs on Shop No. 868, Japani Bazar,

ULHASNAGAR—2

Sp: in Wedding Sarees & Banarasi Silk Sare

Tel No.

Kishin Cut Piece Store

868, Japani Bazar, ULHASNAGAR—421002

With best compliments from

Phone: 415

Central Auto Store

Section 17, ULHASNAGAR—3

elars of all kinds of Motorcycles & Scooters' Parts

Authorised Dealers of:

M/s. Shah & Sanghi

For Bajaj Auto Limited Spareparts

and also Authorised dealer of

GLOBE ACCESSERIES

of all kinds of Scooter & Motorcycle Parts

CS
61

Phone: 2014

R.K. PRODUCTS

Manufacturers of
STOVE BRASS BURNERS
No. 1—2—3 & 140

Near Gursangat Darbar
Section—26
ULHASNAGAR—421004
(Dist: Thane)

Registered BRAND BURNERS
PLEASANT AND TELEVISTA

Prop: **SILANI. N. H.**

Ashok Press, Ulhasnagar-421003. ★ *Phone: 1555*